جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL.
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | اربع 14 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 02 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 03

وڏي وزير طرفان چين کي مختلف شعبن ۾ پائيداري ۽ سيڙپڪاري جي دعوت

ڪراچيءَ لاءِ 100 ڪلوميٽر ڊگهي ڪي فور پائيپ لائين جي تعمير، سکر بئراج جي بحاليءَ ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ وارين فصلن جون نيون جنسون تيار ڪرڻ لاءِ سهڪار جي خواهش ظاهر

ووهان جي علائقي هانيانگ ۾ قائم ايڇ بي ايس زيڊ (HBSZ) ڪمپنيءَ جي دوري دوران وڏي وزير کي فور پائيپ لائين رٿا بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ سکر بئراج جي بحاليءَ ۽ جديد بڻائڻ لاءِ تيار ڪيل دروازن جو معائنو ڪيو

ايچ بي ايس زيڊ ڪمپنيءَ 100 ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين تعمير ڪرڻ لاءِ راضپو ظاهر ڪيو آهي، رٿا تي جلد کان جلد ڪم شروع ڪيو وڃي: مراد علي شاهه

وڏي وزير کي سکر بئراج جي بهتريءَ واري رٿا تي ٿيل اڳڀرائيءَ بابت بريفنگ پڻ ڏني وئي. اها رٿا چائنا روڊ اينڊ برج ڪارپوريشن ۽ ايچ بي ايس زيڊ جي گڏيل سهڪار سان جاري آهي

سکر بئراج جي درياهي پاڻيءَ جي وهڪري کي ڪنٽرول ڪندڙ 54 دروازن مان 44 دروازا ۽ انهن جا آپريٽنگ سسٽم تبديل ڪري فعال ڪيا ويا آهن

لاڳاپيل هنڌن تي اڏاوتي ڪم پڻ مڪمل ڪيو ويو آهي. باقي 10 دروازا تيار ڪيا ويا آهن، جن کي جلد چين مان پاڪستان منتقل ڪيو ويندو

ووهان، چين (م ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيني ڪمپنين کي سنڌ جي پاڻي وسيلن، زراعت ۽ بنيادي ڍانچي جي شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ جي دعوت ڏيندي ڪراچيءَ لاءِ 100 ڪلوميٽر ڊگهي ڪي فور پائيپ لائين جي تعمير، سکر بئراج جي بحاليءَ ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ وارين فصلن جون نيون جنسون تيار ڪرڻ لاءِ سهڪار جي خواهش ظاهر ڪئي آهي. ووهان جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20



ووهان: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه چيني ڪمپني سان اجلاس جي صدارت ڪندي

نائٽي واري وفاقي وزير جي آءِ ايف سي جي علائقائي نائب صدر سان ملاقات

بنڪاڪ (م ڊ) نائٽي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ريڪوڊڪ منصوبي لاءِ پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

شير شاهه ٽرين حادثو: پاڪستان ريلويز جي وڏي اسٽيشنن تي 24 ڪلاڪ فعال هيلپ ڊيسڪ قائم

لاهور/ ملتان (م ڊ) پاڪستان ريلوي شير شاهه ويجهو پيش آيل ٽرين حادثي بعد مسافرن جي فوري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

مراد علي شاهه سمارٽ گورننس، آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ دوا سازي جي پيداوار ۾ چين کان سهڪار گهري ورتو

پيداوار ۽ ٽيڪنيڪي ترقي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هئاوي ۽ هيومن ويل هيلٿ ڪيئر گروپ سان شراڪتداري جون تجويزون پيش ڪيون آهن

ووهان آرٽيفيشل انٽيليجنس ڪمپيوٽنگ سينٽر ۽ 'هيومن ويل هيلٿ ڪيئر گروپ' جي مرڪزي آفيس جي دوري دوران ڏنيون

ووهان، چين (م ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

اياز صادق پاران ملتان ويجهو ريل حادثي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار

هڪ تعزيتي بيان ۾ اسپيڪر حادثي ۾ فوت ٿيل مسافرن جي گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار

اسپيڪر، زخمي ٿيل مسافرن جي جلد صحتيابي ۽ فوتين جي مغفرت ۽ پوئينن کي صبر جي دعا ڪئي

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، ملتان ويجهو ريل گاڏي جي حادثي ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

موسميات کاتي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ مغربي هوائن جو سلسلو لاڳيتو موجود آهي، اڄ رات کان اسلام آباد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

آبادي ۾ تيزي سان اضافو وڏو چيلينج بڻيل آهي: محمد اورنگزيب

آبادي ۾ اضافي کي انساني وسيلن جي ترقي ۽ روزگار جي موقعن ۾ تبديل ڪرڻو پوندو عالمي بينڪ جي اهتمام هيٺ گول ميز ڪانفرنس کي خطاب

ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفي بابت آگاهي وڌائڻ جي ضرورت آهي، آبادي بابت آگاهي جي لاءِ مذهبي اڳواڻن سان رابطو اهم آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي نائٽي واري وزير محمد اورنگزيب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: نائٽي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب گول ميز ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ڪڻڪ جي قيمت صوبن سان مشاورت سان مقرر ڪئي ويندي: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف آبادگارن کي گهٽ لاڳت تي پاڻ، معياري ٻج، جديد مشينري ۽ پاڻي جي بهتر استعمال جي لاءِ اوزارن ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيتن جي فراهمي اولين ترجيح قرار

وفاقي حڪومت صوبن کي زراعت جي ترقي جي لاءِ هر قسم جو تعاون فراهم ڪندي، ڪڻڪ وڏي مقدار ۾ موجود، ذخيره اندوزي ڪندڙن کي ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏني ويندي

صوبن سان مشاورت مڪمل ڪري جلد ڪڻڪ جي قيمت جو اعلان ڪيو ويندو وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ قومي زرعي ۽ غذائي تحفظ ڪائونسل جو پهريون اجلاس منعقد ٿيو

زراعت ملڪي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي، زراعت پاڪستان جي معيشت کي گهٽ مدي ۾ ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي: شهباز شريف

پنجاب جي وزيراعليٰ آبادگارن جي ترقي، ايڪو ڪلچر، شرمپ فارمنگ ۽ آبادگار ڪارڊ جي ذريعي آبادگارن کي سڌوسنئون سبسڊي فراهم ڪرڻ جهڙن بهتر قدم کڻي رهي آهي

سنڌ جو وڏو وزير آبادگارن جي ترقي ۽ انهن کي سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري رهيو آهي لائيو اسٽاڪ جو شعبو به ملڪي روانگي واپار وڌائڻ جي وسيع صلاحيت رکي ٿو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف آبادگارن کي گهٽ لاڳت تي پاڻ، معياري ٻج، جديد مشينري ۽ پاڻي جي بهتر استعمال جي لاءِ اوزارن ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيتن جي فراهمي اولين ترجيح قرار ڏيندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت صوبن کي زراعت جي ترقي جي لاءِ هر قسم جو تعاون فراهم ڪندي، ڪڻڪ وڏي مقدار ۾ موجود، ذخيره اندوزي ڪندڙن کي ڪنهن به قسم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

اڄ 86 اڏامون رد، 59 دير جو شڪار

ملڪ جي مختلف هوائي اڏن تان رياض لاءِ ويندڙ 34 اڏامون رد ڪيون ويون آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ ايئرلائنز کي انتظامي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن سبب اڄ 86 اڏامون رد جڏهن ته 59 اڏامون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

آءِ ايم ايف 2026ع لاءِ عالمي اقتصادي ترقي جو ڪاٿو وڌائي 3.1 سيڪڙو ڪري ڇڏيو

عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) پنهنجي تازي ورلڊ اڪنامڪ آئوٽ لُڪ رپورٽ ۾ پاڪستان ۾ هلندڙ مالي سال مهانگائي وڌي 9.9 سيڪڙو تائين پهچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو

گذريل مالي سال مهانگائي جي شرح 7.1 سيڪڙو هئي، جيڪا هلندڙ مالي سال وڌي 9.9 سيڪڙو ٿيڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جي شرح هلندڙ مالي سال 3.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي

جيڪا گذريل مالي سال 3.6 سيڪڙو هئي، رپورٽ ۾ ملڪ جو ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو مجموعي قومي پيداوار (جي ڊي پي) جي هڪ سيڪڙو برابر رهڻ بيروزگاريءَ جي شرح 6.5 سيڪڙو ٿيڻ جي اڳڪٿي

اسلام آباد (بيورو) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) پنهنجي تازي ورلڊ اڪنامڪ آئوٽ لُڪ رپورٽ ۾ پاڪستان ۾ هلندڙ مالي سال مهانگائي وڌي 9.9 سيڪڙو تائين پهچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي، رپورٽ موجب، گذريل مالي سال مهانگائي جي شرح 7.1 سيڪڙو هئي، جيڪا هلندڙ مالي سال وڌي 9.9 سيڪڙو ٿيڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

عوام سياسي نعرن مان بيزار ٿي ويو، نظام کي ري بوٽ ڪرڻو پوندو: فيصل واوڊا

خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال بگڙجي چڪي آهي، جتي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ناگزير ٿي چڪو هو

فيلڊ مارشل جي پسمنظر ۾ رهڻ بدران کين ڪليل نموني حمايت فراهم ڪئي وڃي، اسلام آباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو صوبي جي عوام جي مفاد ۾ آهي، قومي ترانئي ۽ قومي جهنڊي جي بيحرمتي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سينيٽر فيصل واوڊا چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

عالمي سطح تي گرين هائوس گئسن جي مجموعي اخراج ۾ پاڪستان جو حصو هڪ سيڪڙو کان به گهٽ آهي: اسحاق ڊار

پاڪستان قدرتي آفتن جي خطرن، انهن جي ڪري ٿيندڙ نقصانن ۾ گهٽتائي جي لاءِ عالمي ڪوششن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي پختي عزم تي قائم آهي

سماجي ۽ اقتصادي نقصانن ۾ گهٽتائي جي لاءِ عالمي ڪوششن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار قدرتي آفتن جي خطرن،/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

راولپنڊي: ايمان مزاري ۽ هادي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ايمان ۽ هادي جي ضمانت درخواستن تي ٻڌڻي 17 آڪٽوبر تائين ملتوي

دهشتگردي توڙ عدالت نمبر هڪ جي ڊيوٽي جج طاهر عباس سپرا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران جج ريمارڪس ڏنا ته ضمانت وارين درخواستن جي ٻڌڻي ابوالحسنات صاحب ئي ڪندا

راولپنڊي (م ڊ) دهشتگردي توڙ عدالت احتجاج، دهشتگردي ۽ قلم 144 جي ڀڃڪڙي واري ڪيس ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي ضمان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

مصطفيٰ عامر ڪيس: جوابدارن جو عدالتي نوٽيس وٺڻ کان انڪار

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي جلد ٻڌڻي ۽ ٽرائل مڪمل ڪرائڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي

جنهن دوران عدالت جوابدارن پاران نوٽيس وصول نه ڪرڻ تي حيرت جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي جوابدارن ارمغان ۽ شيراز عدالتي نوٽيس وصول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچن جي مدي ۾ 1 سال واڌ جي منظوري

انرولمينٽ ۽ پيشورانه اهليت جي تصديق بابت ڪيپٽن (ر) محمد صفدر اعوان جي شڪايت پڻ پيش ڪئي وئي

اجلاس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سمورن موجوده ججن کي آئيني بينچن لاءِ ٻيهر نامزد ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) جوڊيشل ڪميشن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچن جي مدي ۾ هڪ سال واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. اها منظوري 14 ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

سينيٽ ۽ قومي اسيمبليءَ جا اجلاس اڄ شام طلب

صدر مملڪت وزيراعظم جي صلاح تي اجلاس طلب ڪيا آهن. ٻئي اجلاس پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندا

مسلم ليگ (ن) جي پارلياماني ڪاميٽيءَ جو اجلاس به اڄ شام ٿيندو

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ ۽ قومي اسيمبليءَ جا الڳ الڳ اجلاس اڄ شام 6 لڳي 15 منٽن تي طلب ڪيا ويا آهن. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي، 38 ورهين جي مريض ۾ ريبيز جي تصديق

ٿرپارڪر سان تعلق رکندڙ نعمت الله کي اڍائي مهينا اڳ ڪتي چڪ هنيو هو

جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ حيدرآباد سان تعلق رکندڙ 12 ورهين جي هڪ شڪي مريض کي به آندو ويو

ڪراچي (رپورٽر) انڊس اسپتال ڪراچيءَ ۾ 38 ورهين جي هڪ مريض ۾ ريبيز جي تصديق ٿي آهي. اسپتال جي ترجمان موجب ٿرپارڪر سان تعلق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ٽي آءِ لانگ مارچ لاءِ مقرر اضافي نفري جي واپسي شروع، ڪنٽينرز به هٽايا ويا

اسلام آباد مان 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪنٽينرز واپس اماڻيا ويا آهن، داخلي رستن تي ريتي جي ٻورين سان ڀريل ڪنٽينرز کي مڪمل طور تي هٽايو ويو

ريڊ زون ۽ انهي جي چوڌاري رکيل ڪنٽينرز اڃان تائين موجود آهن، جن کي اڄ شام تائين هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي اسلام آباد گهرايل اضافي نفري کي به واپس اماڻڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا

راولپنڊي (م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي جي لاڳو ٿي حالتون معمول تي اچڻ کان پوءِ لانگ مارچ ۽ ڌرڻي جي لاءِ مقرر اضافي پوليس نفري جي مرحليوار واپسي جو عمل شروع ڪيو ويو. جڏهن ته اسلام آباد کان لانگ مارچ روڪڻ جي لاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

نائٽي واري وفاقي وزير جي ترقي بابت سعودي فنڊ جي چيف ايگزيڪيوٽو سان ملاقات، واپار ۽ ترقياتي تعاون تي ڳالهيون

نائٽي واري وزير سعودي عرب ۾ تازن واقعن دوران قيمتي انساني حياتين جي نقصان تي تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو

ملاقات ٿائيلينڊ جي شهر بينڪاڪ ۾ عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي ساليانن اجلاسن 2026ع جي موقعي تي ٿي

نائٽي واري وزير پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ معاشي صورتحال ۽ عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن تائين پهچ بابت معاملن تي تفصيل سان روشني وڌي

بنڪاڪ (م ڊ) نائٽي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب اڳاري تي ترقي بابت سعودي فنڊ (ايس ايف ڊي) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سلطان عبدالرحمان المرشد سان ملاقات ڪئي. نائٽي واري وزير سعودي عرب ۾ تازن واقعن دوران قيمتي انساني حياتين جي نقصان تي تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو ۽ پاڪستان لاءِ سعودي عرب جي پراڻي مدد تي ٿورو مڃيو اها /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر کي ازبڪستان جي يونيورسٽي پاران اعزازي پروفيسر جي خطاب سان نوازيو ويو

زرعي تدريس، تحقيق، پائيدار سماجي ترقي ۽ موسمياتي تبديلين سان نهڪندڙ زراعت جي واڌاري لاءِ سندس خدمتن جي مڃتا طور ڏنو ويو

ان موقعي تي ڊاڪٽر اسماعيل ڪنڀر کي اعزازي پروفيسر جو سرٽيفڪيٽ، علمي اعزازي گائون ۽ يادگاري نشان پڻ پيش ڪيا ويا

يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجي، ڪارشي ۾ منعقد ٿيل عالمي ڪانفرنس "سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جا موجوده مسئلا" ۾ شرڪت

اسان جي ڪاميابي آهي جو اسان جي ڪم کي عالمي سطح تي ساراهيو وڃي ٿو ۽ ان کي اهميت ڏني وڃي ٿي: اسماعيل ڪنڀر

ٽنڊوڄام/اسلام آباد (بيورو) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي پروفيسر، مُلڪ جي پاڻي ۽ زرعي معاملن جي ناليواري ماهر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر کي ازبڪستان جي يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجيءَ، ڪارشي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر کي ازبڪستان جي يونيورسٽي پاران اعزازي پروفيسر جي خطاب سان نوازيو ويو

سنڌ ۾ ڇوڪرين جي شادي 18 سالن کان اڳ ٿيڻ جو انڪشاف

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ۾ 24 سيڪڙو کان وڌيڪ ڇوڪرين جي شادي 18 سالن جي عمر کان ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: پابندي مڙهيل تنظيمن جا 4 دهشتگرد گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) سي ٽي ڊي ۽ وفاقي سول ڳجهي اداري ڪراچي ۾ گڏيل ڪارروائين ۾ پابندي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪو وڏو احتجاج ڏسڻ ۾ آيو: بئريسٽر دانيال چوڌري

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا بي ضابطگين جي جاچ شروع

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي 2023ع واري امتحان بابت شڪايت ملڻ تي نوٽيس ورتو ويو

اسڪريننگ ٽيسٽ ۽ لکت واري امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ اميدوارن جا تفصيل الڳ الڳ فراهم ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) قومي احتساب بيورو (نيب) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا بدعنواني ۽ بي ضابطگين جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

گلشن حديد ۾ هڪ ئي خاندان جي 5 ڀاتين جا لاش هٿ

فوت ٿيندڙن ۾ گهر جو مالڪ شاهزيب، سندس زال صبا، ڀيڻ شمائلا ۽ ٻه ننڍڙا ٻار آريا ۽ آئزن شامل آهن

واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ بيچيني پکڙجي وئي آهي پوليس مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

پنجن ئي لاشن جو جناح اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم مڪمل ڪيو ويو آهي، البته موت جي حتمي سببن بابت فرانزڪ ۽ ٻين جاچ رپورٽن جو انتظار آهي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي ضلعي ملير ۾ بن قاسم جي علائقي گلشن فلڪ ناز جي هڪ رهائشي گهر مان هڪ ئي خاندان جي پنجن ڄڻن جا لاش هٿ آيا آهن. فوت ٿيندڙن ۾ گهر جو مالڪ شاهزيب، سندس زال صبا، ڀيڻ شمائلا ۽ ٻه ننڍ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

سهيل آفريدي کي نقاب پاتل ماڻهن اغوا ڪيو، بازياب ڪرايو وڃي، ڀاءُ عدالت پهچي ويو

منهنجي ڀاءُ کي 11 آڪٽوبر تي ڏينهن جو 2 وڳي پوليس آفيسرن جي موجودگي ۾ وزيراعليٰ هائوس پشاور کان هٿياربند ۽ نقاب پاتل ماڻهو اغوا ڪري کڻي ويا: عامر

ايس ايس پي آپريشنز، ايس پي رورل ۽ ايس ايڇ او ٽائون ايسٽ ڪينٽ کان علاوه هٿياربند نقاب پوش نامعلوم ماڻهن کي به ڌر بڻايو ويو آهي

سهيل آفريدي کي 11 آڪٽوبر تي وزيراعليٰ هائوس پشاور مان هٿياربند ۽ نقاب پوش ماڻهو مبينه طور تي اغوا ڪري اڻڄاتل هنڌ تي کڻي ويا

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي اڳوڻي وزيراعليٰ سهيل آفريدي جي مبينه گمشدگي جي گرفتار ڪرڻ جي خلاف انهي جي ڀاءُ محمد عامر پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪندي انهي کي بازياب ڪرائي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

جسٽس يحيٰ ۽ جسٽس امين جي پرڏيهي ملڪن جي دوري جي منظوري

چيف جسٽس آف پاڪستان 14 کان 12 آڪٽوبر ۽ 27 آڪٽوبر کان 4 نومبر 2026 تائين برطانيه، ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان جي دوري تي ويندو

انهي کان علاوه صدر آصف علي زرداري وزيراعظم جي مشوري تي چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي آذربائيجان جي دوري جي منظوري به ڏئي ڇڏي

چيف جسٽس وفاقي آئين عدالت پاڪستان 19 کان 22 آڪٽوبر 2026 تائين آذربائيجان ۾ ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن ۽ آئيني اختيار رکندڙ ادارن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري وزيراعظم جي مشوري تي چيف جسٽس پاڪستان ۽ چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت جي پرڏيهي ملڪن جي دوري جي منظوري ڏئي ڇڏي. ايوان صدر طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سنڌ جو وڏو وزير منهنجو وجود نٿو مڃي، مان ڪيس ڪيئن مڃان؟ مصطفيٰ ڪمال

سنڌ جو وڏو وزير سندس وجود تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، پوءِ هو ڪيس ڪيئن مڃي؟

سنڌ ۽ پاڪستان جي مسئلن جو حل ننڍا انتظامي يونٽ ٺاهڻ ۾ آهي. مصطفيٰ ڪمال

ڪراچي جي 80 سيڪڙو گهرن ۾ پيئڻ جو پاڻي موجود ناهي، رات جو بجلي نٿي ملي ۽ صبح جو گئس جي فراهمي به نٿي ٿئي

جيڪڏهن شهري مسئلا حل ٿيندي نظر آيا ته هو صوبائي حڪومت جي حمايت ڪندو

ڪراچي (رپورٽر) صحت واري وفاقي وزير ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته سنڌ جو وڏو وزير سندس وجود تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، پوءِ هو ڪيس ڪيئن مڃي؟ هن بيان ۾ هن چيو ته سنڌ ۽ پاڪستان جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي اجلاس جي صدارت ڪندي

مخالف ڌر جي گڏيل پارلياماني پارٽيءَ جو اجلاس اڄ ٿيندو

اسلام آباد (بيورو) مخالف ڌر جي گڏيل پارلياماني پارٽيءَ جو اجلاس اڄ ٿيندو جنهن ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

لاهور دنيا جي گدلاڻ وارن شهرن ۾ پهرئين نمبر تي اچي ويو

لاهور (م ڊ) لاهور دنيا جي سڀ کان وڌيڪ فضائي گدلاڻ وارن شهرن جي فهرست ۾ پهرئين نمبر تي اچي ويو آهي. عالمي ماحول/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

احمق چون پيا ته چين ۽ روس ايران جي مدد ڪن پيا: ٽرمپ

روس ۽ چين ايران کي وڏي پيماني تي مدد فراهم ڪري رهيا آهن

جيڪڏهن ٻئي ملڪ مدد ڪري به رهيا آهن ته اها انتهائي محدود سطح تي ٿي سگهي ٿي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته انتهاپسند ڪابي ڌر جا احمق دعويٰ ڪري رهيا آهن ته چين ۽ روس ايران جي مدد ڪري رهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

چيٽ جي پي ٽي جي مدد سان هڪ شخص 3 سالن کان جاري قانوني جنگ کٽڻ ۾ ڪامياب

لنڊن (م ڊ) ماڻهن طرفان آرٽي فيشل انٽيليجنس (اي آءِ) چيٽ بوٽس جهڙي چيٽ جي پ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ملتان، رحمان بابا ريل گاڏي حادثي جو شڪار، 6 مسافر فوت

ٽرين ڪراچيءَ کان پشاور وڃي رهي هئي ته حادثي جو شڪار ٿي وئي. واقعي ڪانپوءِ امدادي ڪارروايون جاري آهن

حادثي کان متاثر ٿيل مسافر پنهنجو سامان کڻي ريلوي پٽڙيءَ جي ڀرسان موجود آهن. اپ ٽريڪ تي ٽرينن جي آمدرفت بند ڪئي وئي

امدادي ٽرين پڻ حادثي واري هنڌ پهچي وئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف رحمان بابا ايڪسپريس جي بوگين جي پٽڙيءَ تان لهڻ واري واقعي جو نوٽيس

ملتان (م ڊ) ملتان ۾ شير شاهه پل ويجهو رحمان بابا ايڪسپريس جون سيئي 14 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ ڇهه مسافر فوت ۽ 30 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. ذريعن موجب ٽرين ڪراچيءَ کان پشاور وڃي رهي هئي ته حادثـ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 14 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 02 جمادي الاول 1448ھ

خيبرپختونخواهه ۾ امن لاءِ وفاقي ۽ صوبائي سهڪار ضروري

خيبرپختونخواهه هن وقت دهشتگردي، بدامني، سياسي ڇڪتاڻ ۽ حڪومتي اختلافن جهڙن ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ صوبي اندر امن امان جي بحالي، عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، پوليس جي صلاحيتن ۾ اضافو ۽ سياسي استحڪام يقيني بڻائڻ حڪومتن جي بنيادي ذميواري آهي. خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊيءَ جو اهو چوڻ ته صوبي جي پاليسي ڪابل مان نه پر وفاق مان ايندي، جڏهن ته وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ جو وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي هڪ صفحي تي هجڻ بابت بيان، موجوده سياسي ۽ انتظامي صورتحال ۾ خاص اهميت رکن ٿا. انهن بيانن مان اهو تاثر ملي ٿو ته وفاق ۽ صوبي جي حڪومت وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جي ضرورت کي محسوس ڪيو پيو وڃي، پر اصل سوال اهو آهي ته اهڙي سهڪار جا نتيجا عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن ظاهر ٿيندا.

خيبرپختونخواهه ڊگهي عرصي کان دهشتگرديءَ جي سنگين مسئلي کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن صوبي جي عوام، پوليس، فوج ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. ڪيترائي خاندان پنهنجا پيارا وڃائي چڪا آهن، ڪاروبار متاثر ٿيا آهن، تعليمي سرگرمين ۽ روزگار جا موقعا محدود ٿيا آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ خوف ۽ غيريقينيءَ واري صورتحال ماڻهن جي روزمره زندگيءَ کي متاثر ڪيو آهي. اهڙين حالتن ۾ رڳو بيانن، گڏجاڻين ۽ سياسي اعلانن سان امن قائم نٿو ٿي سگهي، پر ان لاءِ مستقل حڪمت عملي، مضبوط ادارا، عوامي اعتماد ۽ عملي قدم کڻڻ ضروري آهن. دهشتگرديءَ جو مقابلو صرف بندوق جي زور تي نه، پر بهتر حڪمراني، انصاف جي فراهمي، روزگار جي موقعن، تعليم جي واڌاري ۽ عوام جي جائز مسئلن جي حل ذريعي به ڪري سگهجي ٿو.

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊيءَ پاران پوليس ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي واري شعبي جي صلاحيت وڌائڻ، جديد سهولتون فراهم ڪرڻ، پوليس جون پگهارون ٻين صوبن جي برابر ڪرڻ ۽ شهيد اهلڪارن جي معاوضي واري پيڪيج ۾ اضافي بابت ڪيل اعلان اهم آهن. پوليس ڪنهن به ملڪ جي اندروني امن امان جي بنيادي قوت هوندي آهي، تنهنڪري ان کي جديد تربيت، جديد اوزارن، مناسب پگهارن، بهتر رهائشي سهولتن ۽ خاندانن جي تحفظ جي ضرورت هوندي آهي. خاص طور تي خيبرپختونخواهه جهڙي صوبي ۾، جتي پوليس اهلڪارن کي روزانو سنگين خطرن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، اتي سندن حوصلا بلند رکڻ حڪومت جي ذميوارين ۾ شامل آهي. پر انهن اعلانن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ واضح وقت مقرر ڪرڻ، بجيٽ مختص ڪرڻ ۽ انهن جي عملدرآمد جي نگراني ڪرڻ لازمي آهي، ٻي صورت ۾ عوام ۽ اهلڪارن جون اميدون رڳو اعلانن تائين محدود رهجي وينديون.

وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ جو اهو چوڻ به اهم آهي ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون هاڻي گڏجي ڪم ڪري رهيون آهن. پاڪستان جي وفاقي نظام ۾ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ سهڪار ملڪ جي استحڪام لاءِ ضروري آهي. دهشتگرديءَ جهڙي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ وفاق وٽ موجود وسيلن، انٽيليجنس نظام، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ صوبائي انتظاميا جي وچ ۾ مضبوط رابطو هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ادارا هڪ ٻئي سان معلومات جي ڏي وٺ ڪن، ذميواريون واضح هجن ۽ فيصلا وقت سر ڪيا وڃن ته امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. پر وفاق ۽ صوبائي حڪومتن جي هڪ صفحي تي هجڻ جو اصل مطلب اهو نه هجڻ گهرجي ته سياسي اختلافن کي دٻايو وڃي، بلڪ ان جو مطلب عوام جي جان، مال، روزگار ۽ بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل ذميواري ادا ڪرڻ هجڻ گهرجي.

خيبرپختونخواهه ۾ سياسي ڇڪتاڻ ۽ احتجاجن جو معاملو به اهميت رکي ٿو. جمهوري معاشري ۾ احتجاج عوام جو آئيني حق آهي، جنهن ذريعي ماڻهو پنهنجي مطالبن، شڪايتن ۽ حڪومتي پاليسين بابت اختلاف جو اظهار ڪندا آهن. ساڳئي وقت رستا بند ڪرڻ، سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ، تشدد يا عام شهرين جي زندگيءَ کي مفلوج ڪرڻ جهڙن عملن کان پاسو ڪرڻ به ضروري آهي. حڪومت جي ذميواري آهي ته احتجاج ڪندڙن سان قانون ۽ آئين جي دائري ۾ رهي معاملا حل ڪري، جڏهن ته احتجاج ڪندڙن کي به عوام جي روزمره ضرورتن ۽ ٻين شهرين جي حقن جو خيال رکڻ گهرجي. قانون جي عملداري جو اصول سڀني لاءِ هڪجهڙو هجڻ گهرجي؛ سياسي وابستگيءَ جي بنياد تي ڪنهن سان نرمي يا سختي ڪرڻ سان ادارن تي اعتماد متاثر ٿي سگهي ٿو.

گورنر پاران احتجاج دوران رستا بند ٿيڻ ۽ انهن کي کولڻ بابت ڏنل بيانن مان واضح ٿئي ٿو ته آمدرفت جي بحالي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. رستا بند ٿيڻ سان رڳو سياسي سرگرميون متاثر ناهن ٿينديون، پر مريضن کي اسپتالن تائين پهچڻ، شاگردن کي تعليمي ادارن ۾ وڃڻ، مزدورن کي روزگار تائين پهچڻ ۽ واپارين کي پنهنجو ڪاروبار هلائڻ ۾ به ڏکيائيون پيش اينديون آهن. تنهنڪري حڪومت کي اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن سان امن امان به برقرار رهي ۽ شهرين جي بنيادي سهولتن ۾ به رنڊڪ نه پوي. ان لاءِ احتجاج ڪندڙ ڌرين سان ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ، تڪرارن جي پرامن حل لاءِ مناسب انتظام ڪرڻ ۽ قانوني ڪارروائي ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

خيبرپختونخواهه جي مسئلن کي رڳو سياسي مقابلي يا مخالف ڌرجي سرگرمين جي حوالي سان ڏسڻ به درست نه ٿيندو. صوبي جي عوام کي روزگار، تعليم، صحت، صاف پاڻي، بجلي، ترقياتي منصوبن ۽ بنيادي سهولتن جي به ضرورت آهي. جيڪڏهن حڪومتون رڳو سياسي بيانن ۽ احتجاجن جي جواب ۾ مصروف رهنديون ته عوام جا بنيادي مسئلا پوئتي رهجي ويندا. پنجن ضلعن ۾ پوليس کي مضبوط بڻائڻ واري منصوبي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پر ان سان گڏ انهن علائقن جي سماجي ۽ معاشي حالتن کي بهتر بڻائڻ تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي. جن علائقن ۾ غربت، بيروزگاري، تعليم جي کوٽ ۽ سرڪاري سهولتن جي غيرموجودگي وڌيڪ هجي، اتي ترقياتي منصوبن ۽ عوامي خدمتن کي ترجيح ڏيڻ امن جي قيام ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن لاءِ سڀ کان وڏو امتحان اهو هوندو ته اهي پنهنجن بيانن کي عملي نتيجن ۾ تبديل ڪن. پوليس جي پگهارن ۾ برابري، شهيدن جي خاندانن لاءِ بهتر معاوضو سي ٽي ڊي جي صلاحيت ۾ اضافو جديد تربيت، رستن جي بحالي ۽ دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ گڏيل حڪمت عمليءَ بابت اعلانن تي باقاعده اڳيرائي عوام آڏو پيش ٿيڻ گهرجي. پارليامينٽ، صوبائي اسيمبلي، لاڳاپيل ادارن ۽ آزاد ميڊيا جو ڪردار به اهم آهي، ڇاڪاڻ ته عوامي نمائندن ۽ ادارن کان سوال ڪرڻ جمهوري نظام جو حصو آهي. شفافيت سان نه رڳو سرڪاري ذميواري وڌندي، پر عوام جو اعتماد پڻ بحال ٿيندو.

پاڪستان جي وفاقي نظام جي مضبوطي ان ڳالهه ۾ آهي ته وفاق ۽ صوبا هڪ ٻئي جي آئيني اختيارن جو احترام ڪندي گڏيل قومي مسئلن کي حل ڪن. خيبرپختونخواهه ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت، پوليس، فوج، سياسي پارٽين، سماجي تنظيمن ۽ مقامي ماڻهن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. ڪنهن به صوبي جي عوام کي بدامنيءَ جي ور چڙهيل رهڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي نٿو سگهجي، ۽ نه ئي امن جي نالي تي عوام جي آئيني حقن کي نظرانداز ڪرڻ گهرجي. امن ۽ جمهوري آزاديون هڪ ٻئي جون مخالف نه، پر هڪ مستحڪم معاشري جون بنيادي ضرورتون آهن.

هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وفاق ۽ خيبرپختونخواهه حڪومت وچ ۾ سهڪار کي رڳو سياسي بيانن تائين محدود نه رکيو وڃي، پر ان کي عملي پاليسي، واضح ذميوارين ۽ عوام کي نظر ايندڙ نتيجن ۾ تبديل ڪيو وڃي. دهشتگرديءَ جو خاتمو، پوليس جي مضبوطي، سياسي اختلافن جو جمهوري حل ۽ عوامي مسئلن جو ازالو هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. جيڪڏهن حڪومتون انهن سڀني شعبن ۾ سنجيدگيءَ سان ڪم ڪن، قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو لاڳو ڪن ۽ عوام کي فيصلا سازيءَ ۾ اهميت ڏين ته خيبرپختونخواهه ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ وڌيڪ سازگار ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو آخرڪار، حڪومتن جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار اهو نه آهي ته اهي هڪ ٻئي سان ڪيتري حد تائين هڪ صفحي تي آهن، پر اهو آهي ته عوام ڪيترو محفوظ آهي، ڪيتري آسانيءَ سان پنهنجي زندگي گذاري ٿو ۽ ڪيس انصاف، روزگار ۽ بنيادي سهولتون ڪيتري حد تائين ميسر آهن.

گورنر راڄ يا لانگ مارچ؟ حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وٽ ٻيا ڪهڙا رستا هئا؟

غلام مصطفيٰ جمالي

ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ اهڙا موڙ بار بار ايندا رهيا آهن، جڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ اختلاف رڳو بيانن ۽ سياسي بحثن تائين محدود نه رهندا آهن، پر انهن جو اثر سڄي ملڪ جي امن، معيشت ۽ جمهوري نظام تي پوڻ لڳندو آهي. خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ بابت بحث ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان لانگ مارچ جي سياست اهڙي ئي صورتحال کي ظاهر ڪري ٿي، جتي سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا سياسي مسئلن جو حل سخت قدمن ۽ احتجاج ۾ آهي، يا ڳالهين، مفاهمت ۽ آئيني رستن ۾؟ جيڪڏهن سياسي ڌريون وقت سر سنجيدگي جو مظاهرو ڪن ته ڪيترن ئي پيچيده معاملن کي وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو.

حڪومت جي ذميواري رڳو اقتدار هلائڻ نه، پر ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ، عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ آئين جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ پڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ سياسي ڇڪتاڻ وڌي وڃي يا امن امان بابت خدشا پيدا ٿين ته حڪومت کي حالتن جو جائزو وٺڻ ۽ قانون مطابق قدم کڻڻ جو حق حاصل آهي، پر هر قدم سوچ ويچار، قانوني گهرجن ۽ ممڪن نتيجن کي سامهون رکي کڻڻ ضروري آهي. گورنر راڄ جهڙو غيرمعمولي قدم ڪنهن معمولي سياسي اختلاف جو جواب نه هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ان جا اثر چونڊيل حڪومت، صوبي جي عوام ۽ وفاقي نظام تي پئجي سگهن ٿا.

خيبر پختونخوا پاڪستان جو اهم صوبو آهي، جتي عوام پنهنجن ووٽن ذريعي نمائندا چونڊي حڪومت قائم ڪري ٿو. ان ڪري ڪنهن به چونڊيل صوبائي حڪومت بابت فيصلو ڪندي عوام جي راءِ ۽ آئيني نظام جي احترام کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن صوبائي حڪومت جي ڪارڪردگي بابت اعتراض آهن، انتظامي معاملن تي اختلاف آهن يا امن امان جي صورتحال بابت خدشا موجود آهن ته انهن کي آئين ۽ قانون جي مقرر ڪيل طريقيڪار تحت حل ڪرڻ گهرجي. سياسي اختلافن جي بنياد تي سخت قدم کڻڻ بدران حقيقتن ۽ قانوني بنيادن کي سامهون رکڻ وڌيڪ مناسب رستو آهي. ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف کي به پنهنجي سياسي حڪمت عملي تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي. احتجاج ۽ لانگ مارچ جمهوري سياست جا مڃيل طريقا آهن، پر انهن جو مقصد عوام جا مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ حڪومت کي ڳالهين لاءِ راضي ڪرڻ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن احتجاج کي اهڙي سطح تي پهچايو وڃي، جتي حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين جا دروازا بند ٿي وڃن، ته پوءِ سياسي جدوجهد جو اصل مقصد پوئتي رهجي وڃي ٿو ۽ ٽڪراءُ وڌڻ لڳي ٿو. سياسي جماعت جي ڪاميابي رڳو ماڻهن کي روڊن تي آڻڻ ۾ نه، پر انهن جي مسئلن جو حل حاصل ڪرڻ ۾ هوندي آهي. عوام اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جي بلن، علاج جي وڌندڙ خرچن ۽ ٻارن جي تعليم جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ملڪ مسلسل سياسي ڇڪتاڻ جو شڪار رهي ته معاشي سرگرميون متاثر ٿينديون، ڪاروبار کي نقصان پهچندو ۽ عام ماڻهن جي زندگي وڌيڪ ڏکي ٿيندي. جڏهن وڏيون سياسي جماعتون هڪ ٻئي کي پوئتي ڌڪڻ ۾ مصروف هونديون آهن ته عوام جا بنيادي مسئلا بحث جي مرڪز کان هٽي ويندا آهن. ان ڪري حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي اهو سمجهڻ گهرجي ته سياسي طاقت جو اصل مقصد عوام جي خدمت آهي، نه ته هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ.

گورنر راڄ بابت بحث ۾ اهو سوال به اهم آهي ته ڇا اهڙو قدم واقعي مسئلي جو مستقل حل فراهم ڪري سگهي ٿو؟ ڪنهن به غيرمعمولي آئيني قدم سان جيڪڏهن سياسي بيچيني وڌي وڃي، مخالف ڌر وڌيڪ سخت موقف اختيار ڪري ۽ عوام ۾ بي اعتمادي پيدا ٿئي ته ان سان صورتحال بهتر ٿيڻ بدران وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿي. ان ڪري اهڙي قدم تي غور ڪرڻ وقت رڳو فوري سياسي فائدي کي نه، پر ان جي ڊگهي مدي وارن نتيجن کي به ڏسڻ گهرجي. حڪومت کي پنهنجي اختيارن جي استعمال ۾ قانوني پابندين سان گڏ سياسي ڏاهپ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. ساڳئي وقت صوبائي حڪومت تي به ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اها امن امان، انتظامي ڪارڪردگي ۽ عوامي خدمت بابت پنهنجو ڪردار اثرائتي نموني ادا ڪري. ڪنهن به صوبي جي حڪومت کي وفاق سان اختلاف رکڻ جو حق حاصل آهي، پر ان اختلاف کي اهڙي انداز ۾ اڳتي وڌائڻ مناسب ناهي، جنهن سان عام ماڻهن جي زندگي متاثر ٿئي يا ادارن وچ ۾ غيرضروري ڇڪتاڻ پيدا ٿئي. صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن جي وچ ۾ اختلافن جو حل آئيني ڳالهين، گڏيل مشاورت ۽ قانوني طريقن ذريعي ڳولڻ گهرجي. وفاق ۽ صوبي جي وچ ۾ سهڪار ملڪ جي مجموعي استحڪام لاءِ ضروري آهي.

پي ٽي آءِ لاءِ به اهو وقت آهي ته اها پنهنجي مطالبن کي واضح ڪري ۽ انهن جي حاصلات لاءِ اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪري، جنهن سان ڳالهين جا امڪان برقرار رهن. جيڪڏهن مخالف ڌر وٽ چونڊن، سياسي قيدين، قانوني معاملن يا ٻين سياسي مسئلن بابت مطالبا آهن ته انهن کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ گهرجي. حڪومت کي به انهن مطالبن کي رڳو سياسي مخالفت سمجهي رد ڪرڻ بدران قانوني ۽ آئيني دائري ۾ انهن جو جائزو وٺڻ گهرجي. اختلافن باوجود ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ جمهوري نظام جي پختگي جي نشاني آهي. حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ ڳالهين لاءِ اعتماد پيدا ڪرڻ به انتهائي ضروري آهي. جيڪڏهن هڪ ڌر ڳالهين جي دعوت ڏئي، پر ٻي ڌر کي شڪ هجي ته ان دعوت جو مقصد رڳو وقت حاصل ڪرڻ آهي، ته پوءِ ڳالهين جا نتيجا حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. اهڙي طرح جيڪڏهن مخالف ڌر ڳالهين ۾ ويهڻ کان اڳ ئي هر ممڪن نتيجي کي رد ڪري ڇڏي ته مفاهمت جو رستو بند ٿي ويندو. ان ڪري ٻنهي ڌرين کي واضح ايجنڊا، سنجيده رويو ۽ هڪ ٻئي جي موقف کي ٻڌڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻي پوندي. ڳالهين ۾ اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر اختلافن باوجود اڳتي وڌڻ جو رستو ڳولڻ ئي سياسي بصيرت آهي. لانگ مارچ جي حوالي سان به سياسي جماعتن کي عوام جي سهولتن جو خيال رکڻ گهرجي. احتجاج دوران رستن جي بندش، ٽرانسپورٽ جي متاثر ٿيڻ، مريضن کي اسپتالن تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي ۽ مزدورن جي روزگار تي اثر پوڻ جهڙا مسئلا پيدا ٿي

سنڌ سياسي اقتداري وڏيرن ميرن پيرن کي مال غنيمت ۾ مليل

فقير صابر حسين راڄڙ

سنڌ جي ٻهراڙي جي قديمي نصيحت واري هڪ مختصر ڪهاڻي آهي ته ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ آرسيل سست ڪم چور نوجوان رهندو هيو جنهن جي جڏهن شادي ٿي ته هو گهر جي اڱڻ تي پنهنجي نئين نويلي زال سان گڏ سٽل هيو اوچتو سندس گهر ۾ چور داخل ٿيا ته زال چيس ته اٿي اڙي چور آيا آهن نوجوان چيس ته بس ڪري سمهه ۽ آرام ڪرڻ ڏي چور جڏهن گهر ۾ ٻڌل سندس ڏاندن جو جوڙو چوڙڻ لڳا ته وري زال چيس ته اڙي ٻيا ڳا چور ڏاندن جو جوڙو چوڙي رهيا آهن تڏهن به ان آرسيل جوان چيو ته بس ڪري سمهه ننڊ نه ڦٽاءِ آرام ڪرڻ ڏي چور ڏاندن جو جوڙو ڪاهي هلڻ لڳا تڏهن به زال وري چيس ته اڙي چنڊبا چوا ڏاند ڪاهيون ٿا وڃن پيا اٿ ڪجه ڪر پلا دانهون ڪوڪون ته ڪر تڏهن به ان چنڊبي چيو ته بس ڪري سمه ۽ اهڙي طرح بغير ڪنهن مزاحمت جي آساني سان چور ڏاندن جو جوڙو ڪاهي ويا ان زماني ۾ زميندار هارپوان کي ڏيندا هئا جنهن وٽ ڏاندن جو جوڙو هجي ته جيئن هو هر ڪاهي سگهي هاڻي هارپو نه ملڻ جي ڪري بک تي مئو نيٺ مجبور ٿي ڪنهن دوست کان اڌارو وٺي ڏاندن جو جوڙو وٺي آيو جڏهن چورن کي خبر پئي ته ان چنڊبي بزدل ڏاندن جو جوڙو ورتو آهي سو بغير خوف جي گهر ۾ داخل ٿي ڏاند ڪاهڻ جي ڪوشش ڪيائون ته زال چيس ته وري چور آيا آهن ۽ ڏاندن جو جوڙو چوڙي رهيا آهن ته ان جوان کي ڪاوڙ آئي ۽ اٿي ڪهاڙي کڻي ۽ هڪل ڪري چيائين ته متان ڏاند جو جوڙو چوريو اٿو اڳيان ته بابي جا ورتل هئا ۽ مونکي مفت ۾ مليا هئا پر هي ته مون ورتا آهن ۽ انهن جو اڃا قرض به نه لاٿو آهي اهڙي طرح سنڌ جي اقتداري وڏيرن کي سنڌ ته مفت ۾ هٿ اچي وئي آهي ان ڪري هنن کي ان جو ڪو به قدر ڪو نه ٿيندو جڏهن ته سنڌ هن وقت تاريخ جي تمام نازڪ موڙ تان گذري رهي آهي سنڌ بقا ۽ فنا جي ٻه واٽي تي ڦٿڪي ۽ سڏڪي رهي آهي سنڌ جي وحدت کي اڄ ته خطرو لاحق آهي سنڌ دشمن سامراج هر طرح سان منظم ٿي ڪري سنڌ خلاف مختلف سازشون ڪندي ڪامياب ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ جو سياسي وڏيرو هجي يان قومپرستي جي لباس ۾ ڍڪيل وڏيرو هجي مير پيريان گادي نشين مرشد ۽ ملان مولوي هجي سنڌ جي خلاف سازشون ڪندڙن جي جهولي ۾ ويٺل نظر ٿو اچي جنهن جي ڀرپور ڪوشش سنڌي عوام کي غفلت جي ننڊ سمهاري سنڌ جي مسئلن کان لاتعلق بنائڻ آهي چو ته انهن پيرن ميرن گادي نشينن مرشدن وڏيرن پوتارن کي سنڌ جي بقا ۽ فنا سان ڪو فرق پوڻو نه آهي انهن جو خانداني پيشو دلالي ڪرڻ ئي آهي ۽ پوءِ به ته هو دلال ئي رهندا چو ته انهن جي وجود ۾ غيرت ۽ غلامي گار هجڻ شامل ئي نه آهي ان ڪري سنڌ جي اهم مسئلن کان وٺي سنڌ جي پاڻي ۽ پيداواري وسيلن تي ڌاڙين جو قبضو ٿيڻ تائين سنڌ جي ٻيٽن جبلن ۽ ٻيلن جي هزارين ايڪڙ زمين جي وڪري ٿيڻ تي به هنن جو ضمير جاڳي نه آهي سگهيو پر اهي ساڳيا وڏيرا پير مير پنهنجي خريد ڪيل ذاتي زمينن تي قبضو ٿيڻ خلاف ڪيترائي سنڌي پنهنجا هاري ناري ۽ ڳاڙهي ٻوڙتي پلجڻ وارن کي مارائي پنهنجون زمينون بچائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪندا آهن پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته پرائي زمين تي وڏيرن طرفان وڙهڻ وارن ۽ پنهنجا ٻچا يتيم ڪرائڻ وارن کي ڇا حاصل ٿيندو جڏهن ته سندن مرڻ ڪانپوءِ يتيم ٿيل سندن ٻچا جڏهن بک وگهي مرڻ جي حالت ۾ ايندا آهن ته سندن وني عزت کي وڪرو ڪري معصوم ٻچڙن جي خواهشن ۽ پيٽ جي باهه کي اجهائڻ لاءِ چند ڏوڪرن ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ته اهي ئي وڏيرا سندن وني جي مدد ڪرڻ بجاءِ ان جي عزت کي خريد ڪري فخر محسوس ڪندا آهن چو ته جن ضمير فروش ۽ انسانيت جي دشمن فرعون صفت وڏيرن کي پنهنجي سنڌ ڌرتي جي عزت جو خيال نه آهي جن کي غريب مسڪين جي زندگين جو ڪو به فڪر نه آهي ته اهي وڏيرا ڳاڙهي ٻوڙ تي مرڻ وارن جي عزت ۽ عصمت جو خيال ڪيئن رکندا ۽ انهن وڏيرن جو زمينن تي جهيڙو هجي يان سياسي مفادن جو جهيڙو هجي بس هڪ ڊرامو هوندو آهي اصل ۾ اهي پاڻ ۾ ٺهيل هوندا آهن ۽ انهن جو مقصد زميني دنگن تي جهيڙي جو ڊرامو ڪري غريب مارائڻ ئي هوندو آهي چو ته انهن کي جڏهن پنهنجي زمين جا دنگ ايترا ئي پيارا آهن ته پوءِ پاڻ به انهن ويڙهاڪن سان گڏ ان زمين جي دنگن تي اچي چو نه آهن ويهندا پاڻ اهي وڏيرا ته ڪراچي جي بنگلن ۾ آرامي هوندا آهن ۽ غريب ويچارا گرمي سردي کان وٺي گولين جي منهن ۾ هوندا آهن ۽ مرڻ وارن کي غسل ڪفن لاءِ چند ڏوڪر موڪلي احسان ڪري جتائيندا آهن ۽ تعزيت ڪرڻ لاءِ به ڪيترن ئي ڏينهن کان پوءِ ايندا آهن ان ڪري انهن وڏيرن جي ڊرامن کي سمجهڻ گهرجي ۽ غريب مسڪين مزدورن کي پنهنجن ٻچڙن تي رحم ڪندي انهن جي مستقبل لاءِ سوچڻ گهرجي چو ته وڏيرن جي اصل سوچ هوندي آهي ته اهي غريب مسڪين هاري نسل در نسل انهن جا غلام رهن ان ڪري جيڪي پاڻ کي بيباڪ بهادر ۽ سرڪش سڏرائيندا آهن انهن کي انهن جهيڙن ۾ مارائي انهن جا ٻچا يتيم ڪرائي وري انهن يتيم معصوم ٻچڙن تي بظاهر شفقت جو هٿ رکي انهن کي غلام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ان ڪري معصوم ٻچڙن جي مستقبل لاءِ غريب مزدور ۽ مسڪينن کي سوچڻ گهرجي ۽ معصومن کي ٻچپن ۾ ئي غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجڻ کان نجات ڏيارڻ گهرجي ۽ بهتر مستقبل لاءِ تعليم ڏياري شعور ڏياريندي غلامي ۽ آزادي جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ آزاد ڇڏڻ گهرجي

بقايا *** 01

جي رعايت نه ڏني ويندي، صوبن سان مشاورت مڪمل ڪري جلد ڪڻڪ جي قيمت جو اعلان ڪيو ويندو اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ قومي زرعي ۽ غذائي تحفظ ڪائونسل جو ٻيهريون اجلاس منعقد ٿيو ان موقعي تي ڳالهائيندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته زراعت ملڪي معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي، زراعت پاڪستان جي معيشت کي گهٽ مدي ۾ ترقي جي راهه تي گامزن ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن چيو ته پنجاب جي وزيراعليٰ آبادگارن جي ترقي، ايڪو ڪلچر، شرمپ فارمنگ ۽ آبادگار ڪارڊ جي ذريعي آبادگارن کي سڌوسنئون سبسڊي فراهم ڪرڻ جهڙن بهتر قدم کڻي رهي آهي، سنڌ جو وڏو وزير آبادگارن جي ترقي ۽ انهن کي سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري رهيو آهي. وزيراعظم چيو ته لائيو اسٽاڪ جو شعبو به ملڪي روانگي واپار وڌائڻ جي وسيع صلاحيت رکي ٿو. پاڪستاني حلال گوشت جي برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. وزيراعظم چيو ته وفاقي حڪومت صوبن کي زراعت جي ترقي جي لاءِ هر قسم جو تعاون فراهم ڪندي، آبادگارن کي گهٽ لاڳت تي پاڻ، معياري ٻج، جديد مشينري ۽ پاڻي جي بهتر استعمال جي لاءِ اوزارن ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيتن جي فراهمي اولين ترجيح قرار آهي. آبادگارن خاص طور تي ننڍي ۽ وچولي درجي جي آبادگارن کي انهن جي فصل جي صحيح قيمت فراهم ڪرڻ ترجيح آهي. هن چيو ته ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪڻڪ وڏي مقدار ۾ موجود آهي. ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي ڪندڙن کي ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڏني ويندي. ڪڻڪ جي پوکائي کان اڳ ان جي صحيح قيمت جو تعين ضروري آهي ته جيئن آبادگارن کي انهن جي محنت جو مناسب معاوضو ملي، چاهيون ٿا ته آبادگارن کي ڪڻڪ جي صحيح قيمت ۽ صارف کي سستي ڪڻڪ ملي. هن چيو ته ڪڻڪ جي قيمت جي حوالي سان فيصلو صوبن جي مشاورت سان ڪيو ويندو صوبن سان مشاورت مڪمل ڪري جلد ڪڻڪ جي قيمت جو اعلان ڪيو ويندو اجلاس ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ ۽ سنڌ جي خوراڪ واري وزير پنجاب ۽ سنڌ ۾ آبادگارن جي ترقي جي لاءِ صوبائي حڪومتن جي قدمن تي روشني وڌي. اجلاس ۾ بلوچستان، خيبرپختونخواهه، آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ زراعت جي ترقي جي لاءِ قدمن تي پڻ بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وفاقي وزيرن راڻا تنوير حسين، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، جام ڪمال خان، احد خان چيما، احسن اقبال، عطاءُ الله تارڙ، خالد حسين مگسي، ميان معين وٽو، صلاحڪارن راڻا ثناءُ الله، هارون اختر، پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف، سنڌ جي زراعت واري وزير مخدوم محبوب الزمان ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 02

رتحال ڳڻتي جوڳي آهي، جتي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ناگزير ٿي چڪو هو هن چيو ته فيلڊ مارشل جي پسمنظر ۾ رهڻ بدران کين کليل نموني حمايت فراهم ڪئي وڃي. اسلام آباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فيصل واوڊا چيو ته خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو صوبي جي عوام جي مفاد ۾ آهي. قومي ترانې ۽ قومي جهنڊي جي بيحرمتي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اڄ جيڪي حالتون نظر اچي رهيون آهن، انهن بابت هو هڪ سال اڳ ئي نشاندهي ڪري چڪو هو. سندس چوڻ هو ته پاڪستان مان دهشتگردي جو هر صورت ۾ خاتمو آڻڻ ضروري آهي. فيصل واوڊا دعويٰ ڪئي ته خيبرپختونخوا ۾ گذريل 13 سالن دوران هڪ مخصوص سوچ رکندڙ ڌرين جي حڪومت رهي، جنهن دوران صوبي کي تباهي کي منهن ڏيڻو پيو. هن چيو ته خيبرپختونخوا عوام جو صوبو آهي، ڪنهن جي ذاتي جاگير نه آهي. سندس چوڻ هو ته دهشتگردي جي واقعن ۾ سيڪيورٽي فورسز جا جوان شهيد ٿي رهيا آهن. تنهن ڪري اهڙين حالتن ۾ ڪنهن کي به پنهنجي مرضي هلائڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته ملڪ ۽ صوبو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه آهن ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سڀني کي گڏجي سهڪار ڪرڻو پوندو فيصل واوڊا موجب، پاڪ فوج ۽ پوليس اهلڪارن سميت ساڍا ست هزار ماڻهو شهادت ماڻي چڪا آهن. هن چيو ته گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي کان به سوال پڇيا ويندا، جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ نئون سيٽ اپ اچي چڪو آهي، جنهن وٽ هاڻي ناڪاميءَ جو ڪو به جواز نه هوندو هن هڪ ڀيرو ٻيهر فيلڊ مارشل جي کليل حمايت تي زور ڏيندي چيو ته ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو بنيادي مقصد ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائڻ آهي. فيصل واوڊا وڌيڪ چيو ته پاڪستان ڪنهن هڪ اڳواڻ جي نالي سان سڃاڻپ نٿو رکي، پر ملڪ پنهنجي جاءِ تي قائم رهندو هن چيو ته قومي سلامتي ۽ ملڪ جي استحڪام کي اوليت ڏيڻ گهرجي. جڏهن ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ گڏيل ڪوششون ضروري آهن.

بقايا *** 03

انهن جي ڪري ٿيندڙ عدم تحفظ ۽ سماجي ۽ اقتصادي نقصانن ۾ گهٽتائي جي لاءِ عالمي ڪوشش ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي نه رڳو انساني همدرديءَ جي گهرجن تحت ضروري آهي پر پائيدار ترقي جي 2030ع جي ايجنڊا تحت اڳيرائي حاصل ڪرڻ ۽ ان کي برقرار رکڻ جي لاءِ پڻ لازمي آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته گذريل ڪجهه سالن دوران پاڪستان کي موسمياتي تبديلين جي ڪري ايندڙ آفتن جي تباهي آڻيندڙ اثرن کي منهن ڏيڻو پيو آهي جن ۾ بار بار ايندڙ ٻوڏ، گليشيئرز جي وگهڻ جي رفتار ۾ تيزي، سوڪهڙي، شديد گرمي جي لهرن ۽ پاڻي جي وڌندڙ کوٽ شامل آهن. تازي چوماسي جي موسم دوران شديد برسات جي نتيجي ۾ قيمتي جانين ۽ روزگار جي ذريعن جو نقصان ان غيرمتناسب موسمياتي بار کي اجاگر ڪري ٿو جنهن کي پاڪستان مسلسل منهن ڏئي رهيو آهي جڏهن ته عالمي سطح تي گرين هائوس گئسن جي مجموعي

عملي تي ڌيان ڏيڻ جي اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. هن چيو ته قومي آفتن جي خاتمي بابت قومي حڪمت عملي 2030 – 2025 ع جي رهنمائي ۾ پاڪستان حڪومت گهڻ رخي خطرن کي منهن ڏيڻ جو طريقيڪار اختيار ڪيو آهي جنهن ۾ قومي ۽ ذيلي قومي سطح تي روڪٿام، تياري ۽ لچڪ پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي، ان سلسلي ۾ مضبوط نظامن جي قيام ۽ آفتن جي اثرن کان متاثر ماڻهن جي ضرورتن موجب ردعمل ڏيندڙ سماجي تحفظ جا قدم متعارف ڪرائڻ سميت ٺوس قدم کنيا پيا وڃن. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي لاءِ سينڊائي فريم ورڪ (2030 – 2015 ع) سان هم آهنگ اسان جي پاليسين ۾ وقت کان اڳ آگاهي وارن نظامن کي مضبوط بڻائڻ، ترقياتي منصوبابندي ۾ خطرن جي خاتمي کي شامل ڪرڻ ۽ ايندڙ خطرن جي بهتر اڳڪٿي ۽ ان کي منهن ڏيڻ جي لاءِ جدت ۽ ٽيڪنالاجي مان فائدو کڻڻ کي ترجيح ڏني وئي آهي. هن عالمي برادري تي زور ڀريو ته اسرندڙ ملڪن کي موسمياتي تبديلي جي تيزي سان وڌندڙ اثرن ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ انهن سان هڪ جهڙائي پيدا ڪرڻ جي قابل بڻائڻ جي لاءِ تعاون، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ مالي معاونت جي طريقيڪار کي مضبوط بڻايو وڃي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان هڪ وڌيڪ محفوظ، آفتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ پائيدار دنيا جي تعمير جي لاءِ پنهنجي گڏيل ذميواري جي ورجاءُ ۾ سمورن ملڪن سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو.

بقايا *** 04

ن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڪڻڪ جي پهرين کيپ هلنڊڙ مهيني جي پڇاڙي کان اڳ ڪراچي پهچي ويندي. اڳاري ڏينهن نائب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ غذائي سال 27 – 2026 ع جي لاءِ ڪڻڪ درآمد ڪرڻ بابت اسٽيئرنگ ڪميٽي جو ستون اجلاس ٿيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڪڻڪ جي درآمد تي اڳيرائي جو جائزو ورتو ۽ ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته صوبن جي طلب موجب ڪڻڪ جي وڌيڪ فراهمي جا انتظام ڪيا ويا آهن ۽ ڪڻڪ جي پهرين کيپ هلنڊڙ مهيني جي پڇاڙي کان اڳ ڪراچي پهچڻ جو شيڊيول آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته درآمد ٿيل ڪڻڪ جا ذخيرا ۽ پاسڪو پاران صوبن کي اڳ ۾ ئي مختص ڪيل ڪڻڪ کي قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ته جيئن صارفين کي رليف فراهم ڪري سگهجي. اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير، واپار واري وفاقي وزير، خاص معاون طارق باجوه، قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت جي سيڪريٽري، لاڳاپيل صوبائي سيڪريٽرين ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 05

رڪيل ڪنٽينرز به هٽايا پيا وڃن. ذريعن موجب اسلام آباد مان 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪنٽينرز واپس اماڻيا ويا آهن، جڏهن ته داخلي رستن تي ريتي جي ٻورين سان ڀريل ڪنٽينرز کي مڪمل طور تي هٽايو ويو آهي. ريڊ زون ۽ انهي جي چوڌاري رڪيل ڪنٽينرز اڃان تائين موجود آهن، جن کي اڄ شام تائين هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي اسلام آباد گهرايل اضافي نفري کي به واپس اماڻڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب سنڌ کان 2 هزار جڏهن ته فرنٽيئر ڪانسٽيبلري(ايف سي) جا 3 هزار اهلڪار اسلام آباد طلب ڪيا ويا هئا جن کي واپس اماڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته راولپنڊي، اٽڪ ۽ ميانوالي مان اضافي پوليس نفري جي واپسي ٽن مرحلن ۾ ٿيندي پهرين مرحلي ۾ اهلڪارن جي واپسي جو عمل سومر جي شام کان شروع ڪيو ويو، جڏهن ته مختلف هنڌن تي لڳايل ڪنٽينرز ۽ عارضي رڪاوٽون هٽائڻ جو به سلسلو جاري آهي. ذريعن موجب اٽڪ ۾ 29 هزار کان وڌيڪ، اسلام آباد ۾ تقريبن 22 هزار ۽ راولپنڊي ۾ ضلعي پوليس جي مدد لاءِ 5 هزار کان وڌيڪ اضافي اهلڪار مقرر ڪيا ويا هئا. نفري جي واپسي جو شيڊول لاڳاپيل آفيسرن جي مشاورت سان تيار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته آر پي اوز، سي پي اوز ۽ ڊي پي اوز پوليس دستن جي واپسي جي طريقيڪار جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا *** 06

ملاقات ٿائيلينڊ جي شهر بينڪاڪ ۾ عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي سالياني اجلاسن 2026 ع جي موقعي تي ٿي، ناڻي واري وزير پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ معاشي صورتحال ۽ عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن تائين ٻيهر پهچ بابت معاملن تي تفصيل سان روشني وڌي. ملاقات ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ، نجي شعبي جي شموليت مضبوط بڻائڻ، ٻه طرفي سيڙپڪاري جي تحفظ جي معاهدي تي اڳيرائي ۽ آئل ريفائنريز جي بهتري جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو ڌرين ترقي بابت سعودي فنڊ جي تعاون سان جاري منصوبن تي اڳيرائي تي به اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ نون منصوبن جي هڪ جامع فهرست تيار ڪرڻ جي اهميت تي زور ڀريو. ترقي بابت سعودي فنڊ جي سي اي او ۽ فنڊ جي ڊائريڪٽر جي اندر پاڪستان جي مسلسل مدد جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا *** 07

پاران اعزازي پروفيسر جي خطاب سان نوازيو ويو آهي. ازبڪستان جي شهر ڪارشي ۾ منعقد ٿيل عالمي سائنسي ۽ علمي ڪانفرنس دوران ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير کي اهو اعزاز زرعي تدريس، تحقيق، پائيدار سماجي ترقي ۽ موسمياتي تبديلين سان نهڪندڙ زراعت جي واڌاري لاءِ سندس خدمتن جي مڃتا طور ڏنو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر اسماعيل ڪنير کي اعزازي پروفيسر جو سرٽيفڪيٽ، علمي اعزازي گائون ۽ يادگاري نشان پڻ پيش ڪيا ويا. ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير هن وقت ازبڪستان ۾ آهي، جتي هن يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجي، ڪارشي ۾ منعقد ٿيل عالمي ڪانفرنس "سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جا موجوده مسئلا" ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ مختلف ملڪن جي تعليمي ماهرن، محققن ۽ عالمي وفدن شرڪت ڪئي. اعزاز ملڻ ڪانپوءِ اي پي پي سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير چيو

مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪري ساگردن تائين پهچايو پيو وڃي. هن چيو ته ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي جو نالو عالمي سطح تي چمڪي رهيو آهي، هن چيو ته جتي ميرٽ هوندي آهي اتي معياري ڪم جي ساراهه به ٿيندي آهي ۽ ان کي اعزاز سان نوازيو به ويندو آهي ۽ منهنجي لاءِ هيءَ اعزاز وڏي معنيٰ رکي ٿو. هن چيو ته پاڪستان مان آئون اڪيلو آهيان جنهن کي ان اعزاز سان نوازيو ويو آهي. جڏهن ته سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال، ڊاڪٽر ڪنير کي عالمي اعزاز ملڻ تي مبارڪباد ڏيندي ان کي سنڌ سميت سڄي پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ لاءِ فخر جوڳو اعزاز قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌ زرعي يونيورسٽي ملڪ جو اهم قومي زرعي تدريسي ادارو آهي ۽ جنهن جي استادن ۽ شاگردن جون عالمي سطح تي ڪاميابيون پاڪستان جي تعليمي ۽ تحقيقي ساک کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون، پروفيسر ڊاڪٽر اسماعيل ڪنير ڪيس مليل اعزاز تي يونيورسٽي آف اڪنامڪس اينڊ پيڊاگوجيءَ جي انتظاميه ۽ تعليمي برادريءَ جا ٿورا مڃيندي چيو ته اهو اعزاز نه رڳو سندس ذاتي ڪاميابي پر پاڪستان، سنڌ ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام لاءِ پڻ فخر جو سبب آهي. هن پاڪستان، ازبڪستان ۽ ٻين ملڪن جي يونيورسٽين وچ ۾ علمي ۽ تحقيقي سهڪار وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن اميد ظاهر ڪئي ته هن اعزاز سان سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ ازبڪستان جي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن وچ ۾ سهڪار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا، جن سان گڏيل تحقيقي منصوبن، استادن ۽ شاگردن جي مٽاسٽا، عالمي ڪانفرنسن ۽ زرعي توڙي ٻهراڙيءَ جي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل ڪوششن کي هٿي ملندي، واضح رهي ته پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير جو تعلق ضلعي بدين جي علائقي پنگريو سان آهي، هن پنهنجي علمي زندگي زرعي تعليم، زرعي توسيعي خدمتن، ٻهراڙيءَ جي آبادگارن ۽ برادرين جي ترقيءَ ۽ پائيدار ترقيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي، ڊاڪٽر ڪنير جي عالمي سطح تي مڃتا، خاص طور زرعي ۽ ٻهراڙيءَ جي پسمنظر رکندڙ شاگردن ۽ نوجوان محققن لاءِ اتساهه جو سبب آهي. جڏهن ته سنڌ زرعي يونيورسٽي جي لاءِ پڻ هڪ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي.

بقايا *** 08

ڳ ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. جڏهن ته 7.5 سيڪڙو ڇوڪرين جي شادي 15 سالن جي عمر کان اڳ ڪرائي وئي هئي. ٻئي طرف ڇوڪرن ۾ 18 سالن جي عمر کان اڳ شاديءَ جي شرح 8.5 سيڪڙو جڏهن ته 15 سالن کان اڳ شاديءَ جي شرح 2.2 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اهي انگ اکر نيشنل ڪميشن آن دي رائيٽس آف چائلڊ پاران يونيسيف جي سهڪار سان تيار ڪيل رپورٽ "دي اسٽيٽ آف چلڊرن اِن پاڪستان 2024" ۾ شامل آهن. يونيسيف جي اها تحقيق سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان جي مختلف سماجي پس منظر رکندڙ ماڻهن سان ڪيل انٽرويوز ۽ گروپ بحثن تي ٻڌل آهي. تحقيق دوران 400 کان وڌيڪ مردن، عورتن، ڇوڪرن، ڇوڪرين ۽ لاڳاپيل ڌرين کان معلومات حاصل ڪئي وئي. رپورٽ موجب ننڍي عمر ۾ شاديءَ جو مسئلو رڳو خانداني فيصلن تائين محدود ناهي، پر ان جي پويان غربت، تعليم جا محدود موقعا، سماجي اميدون ۽ صنفي اڻبرابري جهڙا عنصر پڻ ڪارفرما آهن. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ ۾ 20 کان 24 سالن جي عمر وارين 24.7 سيڪڙو عورتن جي شادي 18 سالن جي عمر کان اڳ ٿي هئي، جڏهن ته 7.5 سيڪڙو عورتن جي شادي 15 سالن جي عمر کان اڳ ڪرائي وئي هئي. رپورٽ ۾ ڏنل اهي انگ اکر سنڌ جي ملٽي پل انڊيڪيٽر ڪلسٽر سروي 2018-19 ع تي ٻڌل آهن. تنهنڪري انهن کي 2026 ع ۾ ننڍي عمر جي شادين جي موجوده شرح قرار نٿو ڏئي سگهجي.

بقايا *** 09

مڙهيل تنظيمن سان تعلق رکندڙ 4 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو ويو آهي. گرفتار دهشتگردن ۾ 3 جو تعلق پابندي مڙهيل بلوچستان لبريشن آرمي(بي ايل اي) ۽ هڪ جو تعلق سنڌ ريولشنري آرمي(ايس آر اي) سان آهي. جوابدار ڪراچي ۾ ڳجهن هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا. سي ٽي ڊي ڪراچي ۽ وفاقي ڳجهي اداري کي اطلاع مليو هئي ته پابندي مڙهيل تنظيم بي ايل اي سان تعلق رکندڙ 3 تربيت يافته دهشتگرد پنهنجي ڪمانڊر جي هدايت تي ڪراچي ۾ موجود آهن جنهن تي گڏيل ٽيم ابوالحسن اصفهاني روڊ بلاڪ 4 جي پرسان واقع هڪ پبلڪ پارڪ تي انهي وقت ڪامياب ڇاپه مار ڪارروائي ڪئي جڏهن دهشتگرد گڏ ٿي ڪارروائي جي لاءِ وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. شروعاتي جاچ موجب گرفتار دهشتگرد پنهنجي تنظيمي ڪمانڊر سان مسلسل رابطي ۾ هئا ۽ هينڊ گرنيڊ جي ذريعي شهري جي ڳجهن هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ آفيسن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهيا هئا. دهشتگرد بلوچستان صوبي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ، فرنٽيئر ڪور(ايف سي) ۽ ڪسٽمز جي موبائل گاڏين تي حملن ۾ ملوث رهيا آهن. جوابدارن کان 3 دستي بم ۽ هڪ 30 بور پستول ميگزين سميت هٿ آيا، گرفتار دهشتگردن ۾ غلام ياسين ولد رئيس وزير، آفتاب احمد ولد غلام مصطفيٰ، شعيب ولد عبدالحئي شامل آهن. سي ٽي ڊي ڪراچي ۽ وفاقي سول ڳجهي اداري جي گڏيل ٽيم ٻئي ڪارروائي جي دوران پارٽي پراڪسي پابندي مڙهيل تنظيم سنڌ ريولشنري آرمي(ايس آر اي) سان جڙيل دهشتگرد آصف علي عرف آصف سنڌي ولد عاشق علي چاچڙ کي ڪورنگي ڪازوي ندي جي پرسان ڪارروائي جي دوران گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان هڪ عدد دستي بم هٿ آيو شروعاتي جاچ ۾ گرفتار دهشتگرد انڪشاف ڪيو ته انهي هڪ پرڏيهي شهري، ڊي ايس پي پوليس ۽ ريلوي ٽريڪ ۽ هڪ اهم سياسي شخصيت جي گهر جي ريڪي مڪمل ڪئي هئي، جوابدار پنهنجي تنظيمي ڪمانڊر جي هدايت تي ڪراچي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيس کي نشانو بڻائڻ جي منصوبه بندي به ڪري رهيو هو.

بقايا *** 10

چوڌري چيو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ نه ڪو وڏو احتجاج ڏسڻ ۾ آيو ۽ نه ئي رستن تي اها هنگامي آرائي نظر آئي جنهن جو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي، جڏهن ته ان جي ابتڙ ماڻهن کي

هڪ بيان ۾ هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي سوشل ميڊيا کي زميني حقيقتون هضم نه ٿي رهيون آهن، ان لاءِ جعلي وڊيوز ڦهلائي عوام کي گمراهه ڪرڻ ۽ حالتن کي وڌائي چڙهائي پيش ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن.

بقايا *** 11

يب موجب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي 2023 ع واري امتحان بابت شڪايت ملڻ تي نوٽيس ورتو ويو آهي. نيب ڪراچيءَ پاران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سيڪريٽريءَ کي خط لکي اسڪريننگ ٽيسٽ ۽ لکت واري امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ اميدوارن جا تفصيل الڳ الڳ فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. نيب سمورن اميدوارن جا تفصيل، نتيجن جو رڪارڊ، امتحان جا اشتهار ۽ مقررين بابت ڄاڻ پڻ طلب ڪري ورتي آهي. ان کانسواءِ انٽرويو پينل ۾ شامل ميمبرن جا تفصيل به گهرايا ويا آهن. نيب موجب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سيڪريٽريءَ کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو گريڊ 18 جي لاڳاپيل آفيسر کي گهربل رڪارڊ سميت 20 آڪٽوبر تي نيب آڏو پيش ٿيڻ کي يقيني بڻائي.

بقايا *** 12

ڙا ٻار آريا ۽ آئزن شامل آهن. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ بيچيني پکڙجي وئي آهي جڏهن ته پوليس مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پنجن ئي لاشن کي جناح اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم مڪمل ڪيو ويو آهي، البته موت جي حتمي سببن بابت فرانزڪ ۽ ٻين جاچ رپورٽن جو انتظار آهي. پوليس موجب واقعي جي اطلاع ملڻ تي ايس ايس پي مليرڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو پوليس ٽيم سان گڏ واقعي واري هنڌ جو دورو ڪيو. گهر جو معائنو ڪيو ۽ گهر جي مالڪ بابت شروعاتي معلومات حاصل ڪرڻ سان گڏ موجود ثبوت گڏ ڪيا. بعد ۾ پنجن ئي لاشن کي قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس اختيارين موجب شروعاتي تلاشي دوران گهر مان هڪ پستول هٿ آيو جڏهن ته شاهزيب جي کيسي مان هڪ خط پڻ مليو آهي، جنهن کي جاچ جو حصو بڻايو پيو وڃي. شروعاتي معلومات ۾ ٻڌايو ويو آهي ته شاهزيب مبينا طور معاشي مشڪلاتن جو شڪار هو پوليس موجب بظاهر واقعو خودڪشي سان لاڳاپيل لڳي ٿو البته سڀني پهلوئن جي جاچ جاري آهي ۽ ڪنهن حتمي نتيجي تي پهچڻ کان اڳ ثبوتن ۽ فرانزڪ رپورٽن جو جائزو ورتو ويندو. پوليس جي شروعاتي معلومات موجب مڙس ۽ زال کي گولين لڳڻ جا ثبوت سامهون اچڻ جي اطلاع آهي، جڏهن ته ٻين ٽن ٻارن جي موت ۾ زهر جي استعمال جو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي. البته اهي تفصيل هن وقت شروعاتي نوعيت جا آهن ۽ انهن جي حتمي تصديق پوسٽ مارٽم ۽ فرانزڪ رپورٽ مان ئي ممڪن ٿي سگهندي. اختيارين ان ڳالهه جو به جائزو وٺي رهيا آهن ته واقعي وقت گهر ۾ ڪهڙا حالات هئا ۽ پنجن ئي ڄڻن جي موت ڪهڙن حالتن ۾ ٿي. ٻئي طرف آئي جي سنڌ واقعي جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ايسٽ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. آءِ جي سنڌ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪئي وڃي، واقعي واري هنڌان ملندڙ ثبوت محفوظ ڪيا وڃن ۽ سمورا ضروري قانوني تقاضا پورا ڪندي موت جي اصل سببن جي خبر لڳائي وڃي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف پهلوئن جو باريڪ بيني سان جائزو ورتو پيو وڃي. جناح اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم مڪمل ٿيڻ باوجود موت جي حتمي سبب، مبينا زهر جي استعمال ۽ ٻين اهم ثبوتن جي تصديق لاڳاپيل رپورٽون سامهون اچڻ کانپوءِ ئي ٿي سگهندي.

بقايا *** 13

رکندڙ نعمت الله کي اڍائي مهينا اڳ ڪتي چڪ هنيو هو. هوڏانهن جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ حيدرآباد سان تعلق رکندڙ 12 ورهين جي هڪ شڪي مريض کي به آندو ويو آهي، جنهن ۾ ريبيز جون علامتون ظاهر ٿيون آهن. اسپتال ذريعن موجب نينگر کي ريبيز کان بچاءُ واري ويڪسين جو هڪ ڊوز ڏنو ويو آهي. نينگر کي به ٻه مهينا اڳ ڪتي چڪ هنيو هو.

بقايا *** 14

صدر مملڪت وزيراعظم جي صلاح تي اجلاس طلب ڪيا آهن. ٻئي اجلاس پارليامينٽ هائوس ۾ ٿيندا. ٻئي طرف مسلم ليگ (ن) جي پارلياماني ڪاميٽيءَ جو اجلاس به اڄ شام ٿيندو جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پارليامينٽ ميمبرن جو اجلاس ايوان صدر ۾ طلب ڪيو ويو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ نيئر بخاريءَ جو چوڻ آهي ته خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت حتمي فيصلو اڄ پارليامينٽ ۾ آئيني طريقيڪار تحت ڪيو ويندو.

بقايا *** 15

مقابلي ۾ هڪ ووٽ جي اڪثريت سان ڏني وئي. جوڊيشل ڪميشن جي اجلاس ۾ احسن ڀون جي تعليمي سندن، انرولمينٽ ۽ پيشورانه اهليت جي تصديق بابت ڪيپٽن (ر) محمد صفدر اعوان جي شڪايت پڻ پيش ڪئي وئي. جوڊيشل ڪميشن جي سيڪريٽري موجب، پاڪستان بار ڪائونسل جي سيڪريٽري اجلاس کي آگاهه ڪيو ته احسن ڀون جي ڊگري 2021 ع ۽ 2026 ع ۾ پاڪستان بار ڪائونسل جي چونڊن دوران تصديق لاءِ ريٽرننگ آفيسر ۽ اٽارني جنرل پاڪستان وسيلي موڪلي وئي هئي. سيڪريٽري موجب، پنجاب يونيورسٽي ٻنهي موقعن تي احسن ڀون جي ڊگري کي اصلي قرار ڏنو هو. چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سمورن موجوده ججن کي آئيني بينچن لاءِ پڻ نامزد ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو.

بقايا *** 16

۾ مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي جلد ٻڌڻي ۽ ٽرائل مڪمل ڪرائڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت جوابدارن پاران نوٽيس وصول نه ڪرڻ تي حيرت جو اظهار ڪيو. ٻڌڻي دوران جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ريمارڪس ڏيندي چيو ته، "يعني جوابدار عدالت جو نوٽيس وصول ئي نٿو ڪري." درخواستگذار جي وڪيل افتخار شاهه ايڊووڪيٽ عدالت کي ٻڌايو ته جوابدارن پيو پيرو به عدالتي نوٽيس وصول نه ڪيو آهي. عدالت ٻڌڻي

بقايا *** 17

ت وارين درخواستن تي ٻڌڻي 17 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. دهشتگردي ڏوڙ عدالت نمبر هڪ جي ڊيوٽي جج طاهر عباس سپرا ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران جج ريمارڪس ڏنا ته ضمانت وارين درخواستن جي ٻڌڻي ابوالحسنات صاحب ئي ڪندا. هن پڇائو ڪيو ته ڇا ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا سان ڪالهه ملاقات ٿي هئي؟ ان موقعي تي شيرين مزاري چيو ته کين تمام گهڻو ٽنگ ڪرڻ ڪانپوءِ ملاقات ڪرائي ويندي آهي. ٻڌڻي دوران جوابدارن جي وڪيل رياست آزاد عدالت کي درخواست ڪئي ته ڪيس جي ٻڌڻي پرينهن تائين مقرر ڪئي وڃي. جج طاهر عباس سپرا چيو ته لاڳاپيل جج پرينهن عدالت نه ايندو ڇاڪاڻ ته سندس لاڏاڻو ٿي ويو آهي. ان تي وڪيل چيو ته عدالت وڪيلن کي ايتري رعايت ڏئي، جيئن اهي عدليا سان گڏ بيهي سگهن. جج چيو ته لاڳاپيل جج 19 آڪٽوبر تي واپس اچي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندو ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي وڪيلن ٻڌڻي 15 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي، پر عدالت ضمانت وارين درخواستن تي ٻڌڻي 17 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 18

جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. آءِ ايم ايف موجب، پاڪستان جي معاشي ترقيءَ جي شرح هلنڊڙ مالي سال 3.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي، جيڪا گذريل مالي سال 3.6 سيڪڙو هئي. رپورٽ ۾ ملڪ جو ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو مجموعي قومي پيداوار(جي ڊي پي) جي هڪ سيڪڙو برابر رهڻ، جڏهن ته بيروزگاريءَ جي شرح 6.5 سيڪڙو ٿيڻ جي اڳڪٿي پڻ ڪئي وئي آهي. رپورٽ ۾ عالمي معاشي ترقيءَ جي شرح 2026 ع ۾ 3.1 سيڪڙو ۽ 2027 ع ۾ 3.4 سيڪڙو رهڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 2026 ع ۾ عالمي مهانگائيءَ جي شرح 4.7 سيڪڙو تائين پهچڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. آءِ ايم ايف خبردار ڪيو آهي ته وچ اوڀر ۾ جنگ، توانائيءَ جي اگهن ۾ واڌ ۽ جيوپوليٽيڪل ڇڪتاڻ عالمي معيشت لاءِ خطرا پيدا ڪري سگهن ٿا. اداري حڪومتن تي زور ڏنو آهي ته اهي مالي خساري تي ضابطو رکن، وچولي مدي واري معاشي استحڪام تي ڌيان ڏين ۽ ڪمزور طبقن کي هدف بڻائي رليف فراهم ڪن.

بقايا *** 19

دير جو شڪار ٿي ويون آهن. فلائيٽ شيڊيول موجب ملڪ جي مختلف هوائي اڏن تان رياض لاءِ ويندڙ 34 اڏامون رد ڪيون ويون آهن. ڪراچي ۽ لاهور وچ ۾ هلندڙ چئن اڏامن، پي ڪي 302، پي ڪي 303، پي اي 401 ۽ پي اي 402، ۾ پنج ڪلاڪن تائين دير ٿي آهي. ڪراچي ۽ لاهور کان اسڪا ردو ويندڙ اڏامن ۾ به هڪ کان ڏيڍ ڪلاڪ تائين دير رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اسلام آباد ۽ ڪابل وچ ۾ هلندڙ اڏامن ايف جي 307 ۽ ايف جي 308 ۾ ست ڪلاڪ دير ٿي آهي. دبئي کان ملتان ايندڙ اڏام پي اي 811 ۽ جدي کان ايندڙ اڏام پي ايف 723 ۾ ساڍا ست ڪلاڪ دير ٿي وئي آهي. ان کانسواءِ اسلام آباد کان ڪراچي ويندڙ هڪ خانگي ايئرلائن جي اڏام ۾ نو ڪلاڪن جي دير ڪئي وئي آهي. فلائيٽ شيڊيول موجب اڏام پي اي 201 اڄ شام ڇهين وڳي اسلام آباد کان روانو ٿيندي.

بقايا *** 20

علائقي هانيانگ ۾ قائم ايڇ بي ايس زيڊ (HBSZ) ڪمپنيءَ جي دوري دوران وڏي وزير کي فور پائيپ لائين رٿا بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ سکر بئراج جي بحاليءَ ۽ جديد بڻائڻ لاءِ تيار ڪيل دروازن جو معائنو ڪيو. اختيارين موجب، ايڇ بي ايس زيڊ ڪمپنيءَ 100 ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين تعمير ڪرڻ لاءِ راضپو ظاهر ڪيو آهي. جڏهن ته وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته رٿا تي جلد کان جلد ڪم شروع ڪيو وڃي. وڏي وزير کي سکر بئراج جي بهتريءَ واري رٿا تي ٿيل اڳيرائيءَ بابت بريفنگ پڻ ڏني وئي. اها رٿا چائنا روڊ اينڊ برج ڪارپوريشن ۽ ايڇ بي ايس زيڊ جي گڏيل سهڪار سان جاري آهي. اختيارين موجب، سکر بئراج جي درياهي پاڻيءَ جي وهڪري جي ڪنٽرول ڪندڙ 54 دروازن مان 44 دروازا ۽ انهن جا آپريٽنگ سسٽم تبديل ڪري فعال ڪيا ويا آهن، جڏهن ته لاڳاپيل هنڌن تي اڏاوتي ڪم پڻ مڪمل ڪيو ويو آهي. باقي 10 دروازا تيار ڪيا ويا آهن، جن کي جلد چين مان پاڪستان منتقل ڪيو ويندو چيني اختيارين ٻڌايو ته انهن وڏن دروازن مان هر هڪ جو وزن 50 ٽن کان وڌيڪ آهي. ايڇ بي ايس زيڊ ڪمپني سکر بئراج لاءِ 110 ڪئنال دروازا پڻ تيار ڪري رهي آهي. سال 2026 ع ۾ بئراج جي بندش واري عرصي دوران 27 ڪئنال دروازن جي تعميراتي ڪم ۽ اندروني حصن جي مرمت مڪمل ڪئي وئي، جڏهن ته پاڻيءَ جي سطح ماپڻ لاءِ ڇهه گيج ويلز تعمير ڪري لاڳاپيل اختيارين حوالي ڪيا ويا. بئراج جي سمورن علائقن ۾ ڊريجنگ ۽ کوٽائيءَ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٽيل چينل ۾ ڪم باقي آهي، جيڪو ايندڙ ڪم واري موسم دوران ڪيو ويندو دروازا تيار ڪرڻ واري ورڪشاپ جي عمارت پڻ مڪمل ڪئي وئي آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سکر بئراج منهنجي لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿو اهو سنڌ جي معاشي شهه رڳ آهي. هن وڌيڪ چيو ته 90 سالن کان پوءِ بئراج جي باقاعده بحاليءَ سان پاڻيءَ جي وهڪري ۾ نمايان بهتري آئي آهي. سکر بئراج جي بحاليءَ جو منصوبو 24 فيبروري 2023 ع تي شروع ڪيو ويو هو جنهن کي 30 جون 2027 ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. رٿا لاءِ ورلڊ بئنڪ، وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت مالي سهڪار فراهم ڪري رهيون آهن. سنڌ بئراجز امپرومينٽ پروجيڪٽ تحت گڏو بئراج جي بحاليءَ جو ڪم پڻ جاري آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ووهان ۾ قائم جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي ٻج تيار ڪندڙ ڪمپني چنگفا هيشينگ ايگريڪلچر ڊيولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ جي نمائندن سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ سنڌ ۾ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ وارين فصلن جون جنسون تيار ڪرڻ، مقامي سطح تي ٻج جي پيداوار وڌائڻ ۽ جديد زرعي ٽيڪنالاجي منتقل ڪرڻ لاءِ سهڪار کي وڌائڻ جي دعوت ڏني. چنگفا هيشينگ ايگريڪلچر ڊيولپمينٽ ڪمپنيءَ جي چيئرمين وانگ شي ڪائي ۽ ٻين سينيئر عملدارن سان ملاقات

ڏي وٺ ڪئي. وڏي وزير چيو ته بهتر ٻج، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي طريقن سان پوکي ڪرڻ ذريعي سنڌ ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ جا وسيع امڪان موجود آهن. هن تجويز ڏني ته اهڙيون فصلن جون جنسون تيار ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪيو وڃي، جيڪي سنڌ کي درپيش چئلينجن، جن ۾ سخت گرمي، پاڻيءَ جي کوٽ، ٻوڏن ۽ موسم جي بدلجندڙ حالتن کي منهن ڏئي سگهن. چيني ڪمپنيءَ سنڌ جي وڏي وزير کي هائبرڊ فصلن ۽ ڀاڄين جي ٻجن بابت تحقيق، پيداوار ۽ عالمي واپار جي شعبن ۾ پنهنجي مهارت بابت بريفنگ ڏني. انهن ٻجن ۾ چانور، سرنهن ۽ ڪينولا لاءِ استعمال ٿيندڙ ريپ سيڊ، مڪئي، ووڻ، هندائو، موري، مرچ ۽ پاڪ چوئي نالي چيني ڀاڄي شامل آهن. ڪمپنيءَ موجب، لاڳاپيل آزمائشن دوران ان جي تيار ڪيل هائبرڊ چانورن جي جنسن مان پيداوار ۾ 20 کان 30 سيڪڙو تائين واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. چنگفا هيشينگ، آءِ ايس او 9001 سرٽيفڪيٽ رکندڙ جديد ٻج تيار ڪندڙ ڪمپني آهي. ڪمپنيءَ کي چائنيز اڪيڊمي آف ايگريڪلچرل سائنسز سان تحقيقي سهڪار حاصل آهي ۽ اها ٻجن جي جاچ لاءِ ليبارٽريون ۽ عملي مظاهري وارا زرعي فارم پڻ هلائي ٿي. سيد مراد علي شاهه سنڌ ۾ گڏيل تحقيقي مرڪز قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني، جتي ٻجن جي مختلف جنسن کي وڏي پيماني تي تيار ڪرڻ کان اڳ انهن جي تياري ۽ جاچ ڪري سگهجي. هن سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي گڏيل سهڪار سان مقامي سطح تي ٻجن جي واڌ ويجهه ۽ پيداوار وڌائڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ته جيئن درآمد ڪيل ٻجن تي ڀاڙڻ گهٽائي سگهجي. ملاقات دوران پاڪستان ۾ ڪمپنيءَ جي سرگرمين تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، جن ۾ فصلن جي مختلف جنسن بابت مقامي تحقيق ۽ ترقي شامل آهي. چنگفا هيشينگ، سرٽس سيڊز (Certus Seeds) سميت پاڪستاني ڀائيوارن سان سهڪار ڪيو آهي ۽ پاڪستان ايگريڪلچرل ريسرچ ڪائونسل سان ماليڪيولر سيڊ آئيڊينٽيفڪيشن ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائڻ لاءِ معاهدا پڻ ڪيا آهن. هن ٽيڪنالاجيءَ جو مقصد جعلي ٻجن جي روڪٿام ۽ دانشورانه ملڪيت جو تحفظ ڪرڻ آهي. وڏي وزير چيو ته اهڙي ٽيڪنالاجي سنڌ جي هارين کي ملندڙ ٻجن جي معيار، سڃاڻپ ۽ انهن جي فراهميءَ جي ذريعن جو پتو لڳائڻ واري نظام کي بهتر بڻائي سگهي ٿي. هن چيني ڪمپنيءَ کي اپيل ڪئي ته اها سنڌ جي زراعت کاتي، تحقيقي ادارن ۽ خانگي شعبي جي ڀائيوارن سان گڏجي ٻجن جي جاچ، هارين جي تربيت، ٽيڪنالاجيءَ جي منتقلي ۽ عملي زرعي تحقيق جي شعبن ۾ ڪم ڪري. سيد مراد علي شاهه چيو ته هن سهڪار کي وڌيڪ زرعي پيداوار، زرعي شين جي پروسيسنگ ۽ برآمدات لاءِ پيداوار وڌائڻ تائين پڻ وڌائي سگهجي ٿو ان سان پائيدار زراعت ۽ موسمياتي تبديلين سان مطابقت کي هٿي ملندي، جڏهن ته مقامي ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ هارين لاءِ نوان موقعا پڻ پيدا ٿيندا. دوري دوران سنڌ جي وڏي وزير پاڪستاني زرعي سائنسدان ڊاڪٽر احمد عليءَ سان پڻ ملاقات ڪئي، جيڪو ٻجن جي تياريءَ جي شعبي ۾ پي ايڇ ڊي آهي ۽ هن وقت چنگفا هيشينگ ڪمپنيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کيس سنڌي ٽوپي پارائي اعزاز ڏنو ۽ عالمي سطح تي مڃتا ماڻيندڙ ڪمپنيءَ سان ڪم ڪرڻ تي سندس ڪاميابيءَ کي ساراهيو. وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ جام خان شورو، وڏي وزير جو خاص معاون قاسم نويد، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ نجم شاهه، سيڪريٽري سيڙپڪاري راجا خرم شهزاد، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو پڻ موجود هئا.

بقايا *** 21

جي عزم جو ورجاءُ ڪندي منصوبي جي مالي مدد ۾ عالمي مالياتي ڪارپوريشن جي قائدانه ڪردار جي تعريف ڪئي. هن اها ڳالهه اڳاري تي انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن جي وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا لاءِ علائقائي نائب صدر عماد فخوري سان ملاقات دوران چئي. ٿائيلينڊ جي شهر بينڪاڪ ۾ عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي سالياني اجلاسن 2026 ع جي موقعي تي ٿيندڙ ملاقات ۾ نجي شعبي جي قيادت ۾ معاشي ترقي ۽ روزگار جي موقعن کي هٿي وٺائڻ لاءِ آءِ ايف سي جي مدد کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ معاشي استحڪام کي پائيدار ترقي ۾ تبديل ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو.

بقايا *** 22

سهولت ۽ رهنمائي لاءِ هنگامي بنيادن تي جامع رليف قدمن جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. ريلوي هيڊ ڪوارٽرز پاران جاري ڪيل اپ ڊيٽ مطابق عوام ۽ مسافرن کي وقت سر ڄاڻ جي فراهمي لاءِ سڄي ملڪ جي سمورين وڏين ريلوي اسٽيشنن تي 24 ڪلاڪ ڪم ڪندڙ انفارميشن ۽ هيلپ ڊيسڪ فعال ڪيون ويون آهن. انتظاميه سمورن ڊويزنل آفيسرن کي خاص هدايتون جاري ڪيون آهن ته هو مسافرن لاءِ ترجيحي بنيادن تي متبادل سفري انتظام يقيني بڻائين ۽ سفر رد ڪندڙ مسافرن کي ٽڪيٽن جي رقم جي فوري واپسي (ريفنڊ) ۾ سهولت فراهم ڪن. رليف آپريشن تحت 500 کان وڌيڪ مسافرن کي ڪٽي ويندڙ رحمان بابا ايڪسپريس (47 اپ) جي متبادل ٽرين شيرشاهه اسٽيشن کان پنهنجي منزل طرف روانو ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه ملتان جي ضلعي انتظاميه جي گڏيل تعاون سان انهن مسافرن لاءِ مفت بس سروس جو بندوبست به ڪيو ويو آهي، جيڪي روڊ ذريعي پنهنجو سفر جاري رکڻ چاهين پيا. ريلوي انتظاميه موجب مسافرن کي هر ممڪن سهولتن جي فراهميءَ ۽ وقت سر مدد لاءِ ڪمرشل ڊپارٽمينٽ جي سمورن فيلڊ فارميشن کي هاءِ الرٽ رکيو ويو آهي.

بقايا *** 23

شاهه سمارٽ گورننس، آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ دوان سازي جي پيداوار ۾ چين کان سهڪار گهري ورتو آهي. هن صوبي جي شهري انتظاميا، صحت جي شعبي ۾ پيداوار ۽ ٽيڪنيڪي ترقي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هٿاوي ۽ هيومن ويل هيلٿ ڪيئر گروپ سان شراڪتداري جون تجويزون پيش ڪيون آهن. وڏي وزير اهي تجويزون ووهان ۾ هٿاوي جي 'گلوبل ماڊل سائيٽ فار ڊجيٽل ڊريون اربن گورننس'، 'ووهان آرٽيفيشل انٽيليجنس ڪمپيوٽنگ سينٽر' ۽

شاهه چيو ته سنڌ عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ، وڌندڙ شهرن کي سنڀالڻ ۽ صنعتي صلاحيت کي وڌائڻ لاءِ ڊيٽا، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمن کي استعمال ڪرڻ جي چيني تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. هٿاوي جي سهڪار سان جوڙيل 'ووهان سٽي آپريشن سينٽر' ۾ وڏي وزير کي هڪ اهڙي گڏيل انتظامي نظام بابت بريفنگ ڏني وئي جيڪو ٽرئفڪ جي انتظام، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ، عوامي خدمتن ۽ شهري رٿابندي لاءِ حقيقي وقت جي ڊيٽا جي تجزيي، مصنوعي ذهانت ۽ سمارٽ نگرانيءَ جي اوزارن کي استعمال ڪندو آهي. ووهان کي ڊيٽا تي ٻڌل گورننس لاءِ هڪ عالمي نمونو قرار ڏيندي، آقائي شاهه چيو ته ٽيڪنالاجي حڪومتن کي ڪنهن به بحران جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ان جو حل فوري طور تي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته ڪراچي، جنهن جي آبادي 2 ڪروڙ کان وڌيڪ آهي، ٽرئفڪ جي هجوم، پاڻي جي انتظام، سالڊ ويسٽ جي نيڪال ۽ شهري ٻوڏ جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اهڙن نظامن مان فائدو کڻي سگهي ٿو وڏي وزير ڪراچي ۾ ٻوڏ جي اڳواٽ اطلاع ۽ سٽي آپريشنز مينيجمينٽ تي ٻڌل هڪ پائلٽ پروجيڪٽ جي تجويز ڏني، جيڪو شروعاتي طور تي ميٽروپوليٽن جي هڪ ضلعي تي ٻڌل هوندو ۽ بعد ۾ ان کي شهر جي ٻين حصن تائين وڌايو ويندو هن چيو ته اسان ڪراچي لاءِ سمارٽ سٽي آپريشنز پليٽ فارم تيار ڪرڻ خاص طور تي ٻوڏ جي اڳڪٿي، هنگامي امداد ۽ شهري انتظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هٿاوي سان گڏ هڪ عملي شراڪتداري جا موقعا ڳولڻ چاهيون ٿا. مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ روايتي ٽيڪنالاجي خريداري واري معاهدي بدران ڊگهي مدت جي شراڪتداري ۾ دلچسپي رکي ٿي. هن مقامي ادارن ۽ ماهرن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڊيٽا سينٽرز جي قيام، علم جي منتقلي، تربيتي پروگرامن ۽ پائيدار عملدرآمد جي ماڊلز ۾ سهڪار جي تجويز ڏني. هن سنڌ حڪومت جي آفيسرن لاءِ ووهان سٽي آپريشن سينٽر جي اسٽڊي وزٽس ۽ هٿاوي، يونيورسٽين ۽ سنڌ جي فني ادارن جي وچ ۾ وڌيڪ سهڪار جي پڻ تجويز ڏني. 'ووهان آرٽيفيشل انٽيليجنس ڪمپيوٽنگ سينٽر' ۾ وفد کي سينٽر جي ڪم ڪار، تحقيقي سهڪار ۽ صنعت، اڪيڊميا ۽ حڪومت جي مدد ۾ ان جي ڪردار بابت بريفنگ ڏني وئي. آفيسرن ٻڌايو ته 2021 ۾ شروع ٿيندڙ هن سينٽر پنهنجي ڪمپيوٽنگ جي صلاحيت کي 400 پيٽافلاپس تائين وڌايو آهي. جنهن سان يونيورسٽين، تحقيقي ادارن ۽ ٽيڪنالاجي ڪمپنين کي تحقيق ۽ تجارتي استعمال لاءِ جديد ڪمپيوٽنگ وسيلن تائين رسائي ملي ٿي. وڏي وزير سينٽر جي گڏيل انفراسٽرڪچر ماڊل جي تعريف ڪندي چيو ته هي يونيورسٽين، محققن ۽ اسٽارٽ اپس کي وڏي سيڙپڪاري ڪرڻ کان سواءِ جديد ڪمپيوٽنگ سهولتن تائين رسائي جي اجازت ڏئي ٿو. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ، پنهنجي نوجوان آبادي، وڌندڙ ٽيڪنالاجي ماحول ۽ وڏن تعليمي ادارن جي ڪري، جدت ۽ ڊجيٽل ڪاروبار لاءِ هڪ علائقائي مرڪز بڻجڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهي. وڏي وزير صوبائي حڪومت جي ڪراچي ايجوڪيشن سٽي کي اعليٰ تعليم، تحقيق، جدت ۽ جديد ٽيڪنالاجيز جو مرڪز بڻائڻ واري منصوبن کي پڻ نمايان ڪيو. هن سنڌ جي يونيورسٽين ۽ محققن کي آرٽيفيشل انٽيليجنس (AI) جي تربيت ۽ ڪمپيوٽنگ وسيلن تائين رسائي فراهم ڪرڻ، AI انفراسٽرڪچر تيار ڪرڻ لاءِ فني مدد، ۽ انجنيئرن، محققن ۽ سرڪاري آفيسرن لاءِ صلاحيتون وڌائڻ واري پروگرامن ۾ سهڪار جي تجويز ڏني. هن چيو ته آرٽيفيشل انٽيليجنس معيشتن ۽ سماجن جي مستقبل کي شڪل ڏيندو سنڌ ان تبديليءَ ۾ هڪ سرگرم حصو وٺندڙ بڻجڻ چاهي ٿي.

بقايا *** 24

، ڪشمير، گلگت بلتستان، خيبرپختونخواهه ۽ مٿاهين، وچولي پنجاب ۾ تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته مغربي هوائن جو سلسلو ملڪ جي مختلف مٿاهين ۽ وچولي علائقن تي اثر انداز ٿي رهيو آهي. اڄ رات ۽ اربع جي ڏينهن چترال، سوات، ڪوهستان، شانگلا، بونير، ايبٽ آباد، مري، گليات، نيلم، مظفر آباد ۽ ڀرپاسي ۾ برسات ۽ لينڊ سلائيڊنگ ٿي سگهي ٿي. اسلام آباد ۽ ڀرپاسي ۾ موسم جهڙالو رهڻ کان علاوه تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جو به امڪان آهي انهي دوران ڪجهه هنڌن تي ڳڙوٻوڙ جو به امڪان آهي. گذريل 24 ڪلاڪن جي دوران ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم خشڪ رهيو، پر مٿاهين خيبرپختونخواهه، پوٺوهار خطو، بلوچستان، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات پئي.

بقايا *** 25

۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مطابق هڪ تعزيتي بيان ۾ اسپيڪر حادثي ۾ فوت ٿيل مسافرن جي گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته هو ڏک جي ان گهڙي ۾ متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن. اسپيڪر زخمي ٿيل مسافرن جي جلد صحتيابي ۽ فوتين جي مغفرت ۽ پوئينرن کي صبر جي دعا ڪئي.

بقايا *** 26

سان اضافو صحت، تعليم ۽ روزگار لاءِ وڏو چيلينج بڻيل آهي. آبادي ۾ اضافي کي انساني وسيلن جي ترقي ۽ روزگار جي موقعن ۾ تبديل ڪرڻو پوندو عالمي بينڪ جي اهتمام هيٺ گول ميز ڪانفرنس کي خطاب ۾ محمد اورنگزيب چيو ته ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفي بابت آگاهي وڌائڻ جي ضرورت آهي. آبادي بابت آگاهي جي لاءِ مذهبي اڳواڻن سان رابطو اهم آهي. عورتن جي تعليم ۽ روزگار ۾ شموليت وڌائڻ ضروري آهي. وفاقي ناڻي واري وزير جو چوڻ هو ته وزيراعظم جي سربراهي ۾ قومي آبادي ڪائونسل قائم ڪئي وئي آهي، آبادي، صحت، تعليم ۽ روزگار لاءِ وفاق ۽ صوبن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو آبادي کان معاشي فائدو کڻڻ لاءِ هنرمند ماڻهن کي تيار ڪرڻ ضروري آهي، نجي شعبي جي قيادت ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻا پوندا. هن چيو ته فري لانسنگ ۽ آءِ ٽي خدمتون نوجوانن جي آمدني وڌائڻ جا اهم موقعا آهن. ڊجيٽل مهارت کي هٿي ڏيڻ سان پاڪستان جي برآمدات وڌائي سگهجي ٿي. آبادي ۾ اضافي جي چيلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلسل حڪومتي ڌيان ۽ اڳڪرن تي ٻڌل

قيادت ۾ معاشي ترقي، روزگار جي موقعن کي هٿي ڏيڻ لاءِ آءِ ايف سي تعاون مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا *** 27

پختونخواهه ۾ گورنر راڄ، ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. اسد قيصر اپوزيشن پارٽي جي اي پي سي جي گهرائڻ تي ڳالهيون ڪيون. لياقت بلوچ چيو ته جماعت اسلامي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندي. خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ ايمرجنسي کان پوءِ سياسي قيادت جون گرفتاريون مذمت جوڳيون آهن. هن چيو ته جماعت اسلامي حڪومت جي بدنيتي تي ٻڌل قدمن کي آئيني عدالت ۾ چيلينج ڪري سگهي ٿي، حڪومت آئين جي غلط استعمال جي غلطي کي تسليم ڪري. لياقت بلوچ چيو ته حڪومت سنگين قدم واپس وٺي اپوزيشن سان ڳالهين جو رستو اختيار ڪري. اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي، راجه ناصر عباس، بيرسٽر گوهر ڳالهين لاءِ تيار آهن، هاڻ ڳالهين سان حڪومت جو انڪار غير جمهوري ۽ آمراڻو رويو آهي.

بقايا *** 28

استدعا ڪئي آهي. سهيل آفريدي جي گرفتاري خلاف داخل ڪيل درخواست ۾ محمد عامر پنهنجي موقف ۾ چيو ته منهنجي ڀاءُ کي 11 آڪٽوبر تي ڏينهن جو 2 وڳي پوليس آفيسرن جي موجودگي ۾ وزيراعليٰ هائوس پشاور کان هٿياربند ۽ نقاب پاتل ماڻهو اغوا ڪري کڻي ويا. آئين پاڪستان جي آرٽيڪل 199 جي تحت داخل ڪيل درخواست ۾ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس خيبرپختونخواهه، ڪيپيٽل سٽي پوليس آفيسر پشاور، ايس ايس پي آپريشنز ايس پي رورل ۽ ايس ايڇ او ٿاڻو ايسٽ ڪينٽ کان علاوه هٿياربند نقاب پوش نامعلوم ماڻهن کي ڌر بڻايو ويو آهي.

بقايا *** 29

صدر آصف علي زرداري وزيراعظم شهباز شريف جي مشوري تي چيف جسٽس آف پاڪستان جي برطانيه، ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان جي دورن لاءِ اين او سي ۽ پاڪستان کان ٻاهر وڃڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. پڌرائي موجب چيف جسٽس آف پاڪستان 14 کان 12 آڪٽوبر ۽ 27 آڪٽوبر کان 4 نومبر 2026 تائين برطانيه، ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان جي دوري تي ويندو انهي کان علاوه صدر آصف علي زرداري وزيراعظم جي مشوري تي چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت پاڪستان جي آذربائيجان جي دوري جي منظوري به ڏئي ڇڏي. پڌرائي موجب چيف جسٽس وفاقي آئين عدالت پاڪستان 19 کان 22 آڪٽوبر 2026 تائين آذربائيجان ۾ ترڪ دنيا جي آئيني عدالتن ۽ آئيني اختيار رکندڙ ادارن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو.

بقايا *** 30

مسئلن جو حل نئيا انتظامي يونٽ ناهن ۾ آهي. مصطفيٰ ڪمال دعويٰ ڪئي ته ڪراچي جي 80 سيڪڙو گهرن ۾ پيئڻ جو پاڻي موجود ناهي، رات جو بجلي نٿي ملي ۽ صبح جو گئس جي فراهمي به نٿي ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن شهري مسئلا حل ٿيندي نظر آيا ته هو صوبائي حڪومت جي حمايت ڪندو.

بقايا *** 31

مولانا فضل الرحمان کي به شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. مخالف ڌرجي اتحاد جي ترجمان اخونزاده حسين موجب قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسيءَ خلاف عدالت سان رجوع ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. واضح رهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي پارلياماني پارٽيءَ جو اجلاس به اڄ ٿيڻو آهي.

بقايا *** 32

ياتي ويب سائيٽ موجب لاهور ۾ ايئر ڪوالٽي انڊيڪس (AQI) جي مجموعي سطح 199 رڪارڊ ڪئي وئي آهي. رپورٽ موجب گلبرگ ۾ سي اي آر پي آفيس وٽ فضائي گدلاڻ جي سطح 300 رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته ڪاهنه نوَ ۾ 244، برڪي روڊ تي 224، ماڊل ٽائون ۾ 220 ۽ ڊي ايڇ اي جينس واري علائقي ۾ 201 اي ڪيو آءِ رڪارڊ ڪيو ويو فضائي گدلاڻ ۾ واڌ سبب لاهور جي ماحولياتي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر ڳڻتيءَ جوڳي بڻجي وئي آهي.

بقايا *** 33

ي ٿي کي ڪيترن ئي ڪمن جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پر ڇا اوهان ڪڏهن اي آءِ ٽيڪنالاجي کي ٽريفڪ ڏنڊ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي باري ۾ سوچيو؟ يقين ڪرڻ مشڪل هوندو پر هڪ شخص ائين سوچيو ۽ 3 سال ڊگهي قانوني جنگ کي کٽي ورتو انگلينڊ جي ڪائونٽي ايسيڪس سان تعلق رکندڙ ڊگهي قطار ۾ انتظار ڪندو رهيو، پوءِ خبر پئي ته اها مشين صرف روڪ رقم وصول ڪندي آهي ڪريڊٽ ڪارڊ جو استعمال نٿو ڪري سگهجي. اهڙي طرح ادائيگي ۾ دير ٿي وئي، جنهن جي 2 هفتن کان پوءِ کيس 100 پائونڊ ڏنڊ جي رسيد ملي جنهن ۾ چيو ويو هو.

بقايا *** 34

ا آهن، پر ڪيس ان ڳالهه تي بلڪل به يقين ناهي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب ٽرمپ انهن اطلاعن کي رد ڪري ڇڏيو آهي، جن ۾ چيو پيو وڃي ته روس ۽ چين ايران کي وڏي پيماني تي مدد فراهم ڪري رهيا آهن. پنهنجي سماجي رابطن واري پليٽفارم 'ٽروٿ سوشل' تي جاري ڪيل بيان ۾ ٽرمپ مخالفن جي دعوائن جو جواب ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ٻئي ملڪ مدد ڪري به رهيا آهن

بقايا *** 35

ي جو شڪار ٿي وئي. واقعي ڪانپوءِ امدادي ڪارروايون جاري آهن. حادثي کان متاثر ٿيل مسافر پنهنجو سامان کڻي ريلوي پٽڙيءَ جي پرسان موجود آهن. اپ ٽريڪ تي ٽرينن جي آمدرفت بند ڪئي وئي آهي. اختيارين موجب زخمين کي نشتر اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته امدادي ٽرين پڻ حادثي واري هنڌ پهچي وئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف رحمان بابا ايڪسپريس جي بوگين جي پٽڙيءَ تان لهڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي

بقايا عوامي سوچ 01

يڪريٽرين جي هڪ اهم ميٽنگ يادگار ڪبلا نوابشاهه ۾ منعقد ٿي. جنهن ۾ 17 ۽ 18 آڪٽوبر تي ٿيندڙ سنڌ صوبائي ڪونسل جي اجلاس جي انتظامن جي حوالي سان ڪاميٽيون ۽ ذميواريون ورهايون ويون ۽ ٻين معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، اجلاس ۾ مرڪزي ڪونسل جي ميمبر سيد سبحان علي شاهه، صوبائي اعزازي نائب صدر مولانا ڪفايت حسين ڪريمي، ايڊيشنل سيڪريٽري دوست علي ونگاڻي، ڊپٽي سيڪريٽري محمد حسين چانڊيو، اطلاعات سيڪريٽري سنڌ علي عظمت بلوچ، ڊويزنل صدر نوابشاهه مولانا تاج علي انقلابي، جنرل سيڪريٽري سيد فياض حسين شاهه، ضلعي صدر مولانا عطا حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري مولانا محمد عالم خان مري، جعفر يوٿ جي ڊويزن ناظم مشتاق احمد چانڊيو، جي. ايس. او جي محمد صديق ڪاتيار ۽ جعفر يوٿ ۽ جي. ايس. او جي ذميوارن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 02

پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو ڪان تدارڪ جي گهر، خبر موجب ٽائون ڪاميٽي ٻلڙي شاهه ڪريم جي ملازم فائر برگيڊ ڊرائيور امين رند پنهنجي معذور پٽ سميت ٻارڙن سان گڏ پريس ڪلب ٻلڙي شاهه ڪريم پهچي ٽائون انتظاميه خلاف سخت احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي ميڊيا کي بئنڪ اسٽيٽمنٽ ڏيکاريندي چيو ته انتظاميه پاران هرمهيني پگهار مان ناجائز ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جنهن سبب سخت معاشي تڪليفن کي منهن ڏئي رهيو آهيان ڪٽوتي سبب گهٽ پگهار ملڻ ڪري بيمار معذور پٽ جو علاج ٻ نٿو ڪرائي سگهان ، هن تڪ جي پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر زمان شاهه پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو ڪان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ٽائون انتظاميه کي پابند ڪيو وڃي تاڪ مونکي پگهار پورو ڏنو وڃي تاڪ آئون پنهنجي معذور پٽ جو علاج ڪرائي سگهان ۽ پنهنجي گهر جو پورائو ڪري سگهان ٻي صورت روزاني جي بنياد تي احتجاج جاري رڪندس...

بقايا عوامي سوچ 03

نهنجي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين، سنڌن گهرن ۾ زبردستي گهڙي عورتن جي تذليل ڪري انهن تي حملا ڪرڻ سميت ملاح برادري جي غريب پورهيتن تي هٿ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪرائي سنڌن پورهيتن کي پوليس هٿان گرفتار ڪرائڻ واري عمل توڙي ڪين پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪري سنڌن گهرن واري زمين تي بااثر ماڻهن پاران مبينا قبضي ڪرڻ واري ڪوشش خلاف ايس ايس پي آفيس مڪلي آڏو سخت احتجاج ڪندي متاثر ملاح برادري جي ماڻهن محمد اسماعيل ملاح، مسمات راحيلا زال اصغر ملاح، محمد صديق ملاح، حنيف ملاح، هارون، بلاول ملاح، اسحاق ملاح ۽ ٻين دانهيندي الزام هڻندي چيو ته ڳوٺ حاجي عثمان لاشاري جي بااثر شخص سڪندر لاشاري جي چرچ تي سنڌس برادري جي ٻين ماڻهن جن ۾ ستار، عمر، الهيار، عرس، گلشير لاشاري ۽ ٻيا شامل هئا اسانجي گهرن ۾ گهڙي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندا ٿا رهن. جن کي اهڙي عمل کان روڪيون ٿا ته هو اسانتي حملا ڪرائي اسانکي زخمي ڪرڻ سميت هٿ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪرائي پوليس معرفت پڻ پريشان ڪن ٿا، متاثر ملاح برادري جي ماڻهن مسمات راحيلا زال اصغر ملاح دانهيندي الزام هڻندي چيو ته 3 راتيون اڳ بااثر شخص سڪندر لاشاري جي چرچ تي سنڌن ماڻهن نشي جي حالت ۾ اسانجي گهرن ۾ هٿيارن جي زور تي ڪاهه ڪري اسانجي گهر ڀاتين جي غير موجودگي ۾ اسانجي عورتن تي سخت تشدد ڪري انهن جي تذليل ڪرڻ سميت انهن کي گٿا لفظ ڳالهائيندي چيو ته فورن پنهنجا گهر خالي ڪري هتان لڏي هليا وڃو، هنن چيو ته اسانجي روزگار جو واحد وسيلو مڇي ماري انهن مان گذر ڪرڻ تي اهي، اسان پنهنجا گهر خالي ڪري ڪيڏانهن هليا وڃون. هنن چيو ته بااثر ماڻهن پاران پوليس جي مدد سان اسانجي هڪ بيمار شخص صديق ولد قربان ملاح کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو آهي، جيڪو گذريل ٻن مهينن کان سخت بيمار آهي، هنن چيو ته بااثر ماڻهن جي زيادتين جون دانهون علائقي جي معززين، پوليس سميت سياسي، سماجي ماڻهن کي پڻ ڏنيون آهن، پر اسان غريب ماهيگيرن جي ڪير ٻ مدد ڪرڻ وارو ناهي، جنهن ڪري مجبور ٿي ٻچا وٺي ايس ايس پي افيس مڪلي آڏو احتجاج ڪرڻ تي مجبور بڻيل اهن، جيئن اسانکي انصاف ملي سگهي، هنن چيو ته سنڌن احتجاج ڪرڻ بعد ايس ايس پي ٺٽو نوٽيس وٺي ڪين انصاف جي خاطري ڪرائي بيگناهه گرفتار ٿيل بيمار شخص کي پڻ آزاد ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي آهي، هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، سيشن جج ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو، ڊي سي ٺٽو سميت سمورن چونڊيل نمائندن سان گڏ وس وارن کي اپيل ڪئي اهي ته ڪين انصاف فراهم ڪري ڪين بااثر ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏياري ڪين پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيئي سنڌن عورتن جي تذليل ڪري انهن تي تشدد ڪندڙ بااثر ماڻهن توڙي انهن جي ساٿارين خلاف ڪاروائي ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين

بقايا عوامي سوچ 04

۾ پرسان مُلاڪاتيار پوليس اسٽيشن جي حد هيرڻ جاگير روڊ ڳوٺ سليمان سومرو پرسان درگاهه حضرت شاهه ميران وٽ ٻن نقاب پوش هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڳوٺ خميسو حاجاڻو واسي يعقوب حاجاڻو، ذاڪر حاجاڻو ۽ مجنون حاجاڻو کي يرغمال بڻائي تشدد بعد ڦر ڪري ورتي. هٿياربند متاثر ماڻهن کان هڪ سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2026، ٻ موبائل فون ۽ 20 هزار رپيا نقد رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. واقعي سبب علائقي واسين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي، جڏهن ته شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن. متاثر ماڻهن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان، ڊي ايس پي ٻلڙي شاهه ڪريم ۽ ايس ايڇ او ملاڪاتيار کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ نقد رقم واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي. متاثرن مطالبو ڪيو آهي ته هيرڻ جاگير روڊ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پوليس گشت وڌائي شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن شهري بنا خوف جي اچ وڃ ڪري سگهن..

بقايا عوامي سوچ 05

موتمار ڌمڪين بعد پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي وس وارن کي تحفظ جي اپيل ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ نوشهرو فيروز جي ڳوٺ سيٺ نصراللہ مشهوري، متاڻي جي رهواسڻ مسمات شمشاد ڌيءُ غلام سرور مشهوري سرائڪي پنهنجي مڙس جيئندو چانگ سان گڏ صحافين وٽ پهچي دانهيندي چيو آهي ته هن ٺٽي شهر پهچي هڪ هفتو اڳ 6 آڪٽوبر تي پنهنجي مرضي سان جهمپير شهر لڳ ڳوٺ عمر چانگ جي رهواسي نوجوان جيئندو ولد الهبچايو چانگ سان ٺٽي جي عدالت ۾ پنهنجي مرضي سان شريعت محمدي موجب حق نڪاح شادي ڪري ڇڏي آهي، جنهن سان آءُ خوش زندگي گذاريان پئي، پر هاڻي منهنجا مائٽ منهنجي ۽ منهنجي مڙس سميت مڙس جي ٻين مائٽن جي جان جا ويري بڻجي ويا اهن، جيڪي ڪين موتمار ڌمڪيون ڏيئي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، جن مان ڪين نقصان جو خطرو آهي، هن چيو ته ڪيس ڪنهن ٻ ورغلايو يا اغوا ناهي ڪيو، هن پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي اهي، پر اسانکي پنهنجن مائٽن مان نقصان جو خطرو آهي، هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڪين تحفظ مهيا ڪري نئين زندگي گذارڻ جو موقعو فراهم ڪري ڪين موتمار ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف فوري طور ڪاروائي ڪئي وڃي. جيئن هو وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 06

جن جي حل لاءِ ڪوششون جاري اهي، جن کي جلد حل ڪرائي ملازمن کي پريشاني کان بچايو ويندو، ايپڪا اڳواڻن عبدالڪريم ياند ۽ حاجي محمد اشرف خشڪ ڀائي وڌيڪ چيو ته ٽريزري آفيس ٺٽو سرڪاري ملازمن جي خدمت لاءِ آهي، جيڪا ڪنهن جي ذاتي جاگير ناهي، هنن چيو ته ٽريزري آفيس ٺٽو سرڪاري ملازمن جي جائز مالي ۽ قانوني حقن جي تحفظ ۽ بروقت ادائگين کي يقيني بڻائڻ لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. ملازمن جي پينشن ڪيسن، ٽائيم اسڪيل، واجبات ۽ ٻين مالي معاملن ۾ بنا جواز دير يا ڪنهن ٻ غير قانوني قدم جي صورت ۾ لاڳاپيل اختيارين کان ڀرپور ۽ قانوني انداز ۾ جواب طلب ڪيو ويندو. هنن واضح ڪيو ته سرڪاري ملازمن جي حقن تي ڪو ٻ سمجهوتو نه ڪيو ويندو، اسان جو مطالبو آهي ته سمورا معاملا قانون، قاعدن ۽ ضابطن، ميرٽ ۽ شفافيت مطابق نبيري ملازمن کي غير ضروري پريشانين کان بچائي ملازمن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو. هنن سنڌ حڪومت کان پڻ ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 07

ت هيٺ نومبر 2026 ع ۾ ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري مهم (SNID) جي تيارين جو جائزو وٺڻ لاءِ رابطا اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ عالمي اداري صحت (WHO) جي ڊويزنل پوليو آفيسر، سي سي او (CCO)، مختيارڪار ڪيٽي بندر ۽ پي ڊي اي (PDA) شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ايندڙ پوليو مهم کي اثرائتي نموني منعقد ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ رابطي ۽ سهڪار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته خانگي اسڪولن جي انتظاميه سان آگاهي ۽ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ سيشن منعقد ڪيا وڃن، جيئن ايندڙ پوليو مهم دوران اسڪولن جي انتظاميا جي ڀرپور شرڪت ۽ سهڪار کي يقيني بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ تعلقي سطح تي اثرائتي رابطي ۽ مهم جي نگراني لاءِ تعلقي فوڪل پرسنز (TFPs) جي فهرست کي حتمي شڪل ڏيڻ تي پڻ زور ڏنو ويو ان کان علاوه تربيتي منصوبي کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ سمورن طئي ٿيل تربيتي سيشنن لاءِ بروقت انتظام مڪمل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو اجلاس ۾ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ويو ته يونين ڪائونسل ميڊيڪل آفيسرن (UCMOs) جي تربيتي سيشنن ۾ تعلقي فوڪل پرسنز جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن ايندڙ مهم دوران رابطي، نگراني ۽ تيارين کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته نومبر جي پوليو کان بچاءَ واري مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سموريون ضروري تياريون ۽ انتظام وقت سر مڪمل ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 08

تعليم تباهه تفصيل موجب جنگشاهي: گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول جنگشاهي گذريل ڪجهه عرصي کان انتظامي مسئلن ۽ بار بار ٿيندڙ تبديلين سبب توجهه جو مرڪز بڻيل آهي، 22 ٽيچرون مان 9 ٽيچرون ڊيپوٽيشن تي مڪلي بدلي ڪرائي ويون پگهارون گرلس هس ءِ اسڪول مان ڪڻن پيون پنج ايس ايس ٽي 7 جي ايس ٽي ٽيچرون مقرر ٿيل آهن انهن مان گوسڙو آهن جنهن جي نتيجي ۾ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ لڳ ڀڳ 600 کان وڌيڪ شاگردياڻين جي تعليمي مستقبل بابت والدين، شاگردياڻين ۽ علائقي واسين ۾ ڳڻتي وڌي وئي آهي. 20 آگسٽ کان پوءِ رڳو ٻن مهينن جي محدود عرصي دوران اسڪول ۾ ٽي پيرا هيڊ انچارج تبديل ٿي چڪيون آهن، جنهن سبب اسڪول جي انتظامي معاملن ۾ تسلسل برقرار رکڻ بابت سوال اڀري رهيا آهن. بار بار ٿيندڙ انتظامي تبديلين جو اثر اسڪول جي روزاني معاملن، استادن جي حاضري، تدريسي سرگرمين ۽ مجموعي تعليمي ماحول تي پئجي رهيو آهي، اهڙيون شڪايتون مقامي سطح تي سامهون اچي رهيون آهن. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته جنگشاهي گرلس هاءِ اسڪول علائقي جي نياڻين لاءِ اهم تعليمي ادارو آهي، جتي سوين شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ انتظامي معاملن ۾ غير يقيني ۽ بار بار تبديليون والدين لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻجي رهيون آهن. سنڌن چوڻ آهي ته اسڪول جي انتظام کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ مستقل ۽ ذميوار هيڊ انچارج مقرر ڪرڻ سان گڏ استادن جي حاضري ۽ تدريسي نظام تي ٻ خاص توجهه ڏيڻ ضروري آهي. والدين ۽ علائقي واسين وڌيڪ چيو ته نياڻين جي تعليم سان لاڳاپيل اداري ۾ انتظامي معاملن کي نظرانداز ڪرڻ سان شاگردياڻين جي پڙهائي متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي سگهي ٿو ان ڪري تعليم کاتي کي اسڪول جي موجوده صورتحال جو تفصيلي جائزو وٺڻ گهرجي ۽ انتظامي مسئلن جو مستقل حل ڪڍڻ گهرجي. علائقي واسين ڊي اي او سيڪنڊري، تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول جنگشاهي جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي، بار بار ٿيندڙ انتظامي تبديلين جا سبب معلوم ڪيا وڃن، اسڪول ۾ انتظامي تسلسل يقيني بڻايو وڃي، استادن جي حاضري ۽ تدريسي سرگرمين جي نگراني ڪئي وڃي ۽ 600 کان وڌيڪ شاگردياڻين جي تعليمي حقن ۽ مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جنگشاهي جهڙي علائقي ۾ نياڻين لاءِ موجود هن اهم تعليمي اداري کي مضبوط ۽ بهتر بڻائڻ سان نه رڳو والدين جو اعتماد بحال ٿيندو، پر سوين شاگردياڻين کي بنا رڪاوٽ تعليم جاري رکڻ ۾ پڻ مدد ملندي

بقايا عوامي سوچ 09

طيو ڪرڻ واري ڪئمپ لڳائي وئي. ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي هدايتن تي لڳايل ڪئمپ جو ايس ايس پي ميرپورخاص دورو ڪيو. ان موقعي تي هن نوابشاهه کان آيل ويلفيئر سوسائٽي جي نمائندن سان ملاقات ڪري ڪئمپ ۾ جاري سرگرمين جو جائزو ورتو ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي رت جو عطيو ڏيڻ لاءِ آيل پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن سان پڻ ملاقات ڪئي، سنڌن حوصلا افزائي ڪئي ۽ انسانيت جي خدمت واري جذبي کي ساراهيو. هن پاڻ ٻ رت عطيو ڪرڻ کان اڳ ضروري طبي ٽيسٽ ڪرايا ۽ رت جو عطيو ڏئي ان فلاحي سرگرمي ۾ عملي طور حصو ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي ميرپورخاص چيو ته ٿيليسميا جي مرض ۾ مبتلا ٻار ٻ اسان جي معاشري ۽ مستقبل جو قيمتي حصو آهن، جن کي باقاعدگي سان رت جي ضرورت پوندي آهي. اسان سڀني کي گهرجي ته انهن ٻارن جي مدد لاءِ اڳتي اچون ۽ رت عطيو ڪرڻ جهڙي نيڪ عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. هن وڌيڪ چيو ته رت جو عطيو ڪنهن ٻ ضرورت مند مريض جي زندگي بچائڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو عوام، پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي گهرجي ته هن نيڪ ڪم ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن، جيئن ٿيليسميا ۾ مبتلا ٻارن کي وقت سر رت جي فراهمي ممڪن بڻائي سگهجي. ميرپورخاص پوليس پاران لڳايل هيءَ ڪئمپ انسانيت جي خدمت، سماجي ذميواري ۽ ٿيليسميا جي مريضن جي سهائتا لاءِ پوليس جي عزم جو اظهار آهي.

بقايا عوامي سوچ 10

اسڪول ويندڙ 6 شاگردن کان موٽرسائيڪلون ڦر ٿيڻ جي واقعن والدين ۾ خوف ۽ پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي. تازي واردات ۾ ٻ نامعلوم ڌوهاري نائين ڪلاس جي شاگرد کان موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿي ويا، تفصيل موجب نائين ڪلاس جو شاگرد علي جان سولنگي اڄ صبح ڪتاب کڻي اسڪول وڃي رهيو هو ته دڙو روڊ تي حاجي ڪارو هوٽل وٽ نامعلوم ڌوهارين ڪيس روڪي موٽرسائيڪل ڦر ڪري ورتي ۽ فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ شاگرد ۽ سنڌس وارثن ۾ سخت پريشاني پکڙجي وئي، متاثر شاگرد جي وارثن ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته جڏهن اسڪول ويندڙ ٻار ٻ محفوظ ناهن ته والدين پنهنجن ٻارن کي اطمينان سان اسڪول ڪيئن موڪلين؟ هنن چيو ته شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ سبب شهري پنهنجي جان ۽ مال جي تحفظ بابت سخت پريشان آهن، جڏهن ته ٻارن جي حفاظت ٻ هڪ وڏو سوال بڻجي وئي آهي، شهرين ۽ سماجي حلقن دادو ۾ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته هڪ هفتي اندر 6 شاگردن کان موٽرسائيڪلون ڦر ٿيڻ جا واقعا انتهائي ڳڻتيءَ جوڳا آهن، جن تي ضابطو آڻڻ لاءِ پوليس کي فوري ۽ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن، هنن چونڊيل نمائندن، ايس ايس پي دادو ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعن جو فوري نوٽيس وٺي ڦر ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون واپس ڪرايون وڃن ۽ شهر ۾ امن امان بحال ڪري شاگردن سميت شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن والدين بنا خوف جي پنهنجن ٻارن کي اسڪول موڪلي سگهن

بقايا عوامي سوچ 11

ر مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن شهمير خان ڀٽو جرواري مائنر جي ڀرپاسي غيرقانوني قبضن جي روڪٿام، صفائي ۽ لائننگ جو ڪم فوري شروع ڪرڻ جي هدايت ڪندي خبردار ڪيو آهي ته آبپاشي جي مائنر ۾ گندو سيوريج جو پاڻي ڇوڙ ڪندڙن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ سميت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ڪمشنر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نواب سمير لغاري جرواري مائنر جي صورتحال، قبضن ۽ لاڳاپيل مسئلن بابت بريفنگ ڏني، جڏهن ته ايم ڊي سيڊا منصور ميمڻ پڻ خيالن جو اظهار ڪيو. اجلاس ۾ مٽر عبدالرئوف غور، ڊائريڪٽر نارو ڪينال، اسسٽنٽ ڪمشنرن غلام حسين ڪانهيو ۽ محمد وسيم لاشاري، ٺيڪيدار عامر علي شيخ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته تقريبن 10 آر ڊي تائين، لڳ ڀڳ 30 ڪلوميٽر جي علائقي ۾ مائنر جي ٻنهي پاسن کان قبضا قائم هئا. ڪمشنر لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته ماضي جي ڪوتاهين مان سبق سکندي سرڪاري زمينن تي غيرقانوني قبضا ۽ اڏاوتون روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. هن سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي ڊپٽي ڪمشنر سان رابطي ۽ سهڪار ذريعي غيرقانوني اڏاوتون روڪڻ ۽ ملڪيت جي دستاويزن جي تصديق ڪانسواءِ تعميراتي ڪم جي اجازت نه ڏيڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته سرڪاري زمينن ۽ پاڻي جي گذرگاهن کي قبضن کان محفوظ رکڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن ٻ قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. ڪمشنر چيو ته قبضن خلاف ڪارروائي جو مقصد ماڻهن کي بي گهر ڪرڻ ناهي، پر عوام جي بنيادي حقن، آبپاشي نظام ۽ صحت عامه جو تحفظ پڻ ضروري آهي. هن تقريبن 200 گهر ڊاهڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته غيرقانوني قبضن ۽ سيوريج ڪنيڪشنن سبب لڳ ڀڳ ٻن لکن ماڻهن کي گندي پاڻي جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو. جڏهن ته مائنر ۾ گندو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ آبپاشي نظام ۽ عوامي صحت لاءِ نقصانڪار هو. هن لاڳاپيل اختيارين کي جرواري مائنر جي لائننگ جو ڪم بنا دير شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي، جنهن تي اختيارين يقين ڏياريو ته ڪم هلندڙ هفتي جي پڇاڙي تائين شروع ڪيو ويندو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ قائم ڪيل غيرقانوني لائينون ڪٽي ختم ڪيون ويون آهن. بعد ۾ ڪمشنر شهمير خان ڀٽو جرواري مائنر جو دورو ڪيو ۽ موقعي تي موجود لاڳاپيل آفيسرن کي لائننگ جو ڪم فوري شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن ٻڌايو ته مائنر جو ڪم ڏيڍ مهيني اندر مڪمل ڪيو ويندو. هن چيو ته ڪم شروع ڪرڻ يا مڪمل ڪرڻ دوران ڪنهن ٻ قسم جي ڏکيائي پيش اچڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنر سهڪار فراهم ڪندا. ڪمشنر سمورن لاڳاپيل ادارن تي زور ڏنو ته گڏيل رابطن ۽ مسلسل نگراني ذريعي مائنر جي بحالي، پاڻي جي بنا رنڊڪ وهڪري ۽ آلودگي جي روڪٿام کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 12

29 نومبر تي ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ جلسو منعقد ڪيو ويندو، لکين ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي ايس ٽي پي سربراهه سنڌ جو وجود خطري هيٺ آهي، ڌاريا سنڌ ورهائڻ جي منصوبي تحت ميدان تي لٿل آهن، ايم ڪيو ايم ماضي ۾ ٻ سنڌ دشمن ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪندي رهندي: ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ٻلڙي شاهه ڪريم جي مختلف ڳوٺن سليمان سومرو ڀارچاڻي شريف سانگ ميان جهنگ ڪاتيار نائون ميل اسٽاپ نانگو شاهه مويا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ ورهائڻ جي ايجنڊا پيپلزپارٽي جي نه، پر اسٽيبلشمينٽ جي آهي. سنڌ جو وجود خطري هيٺ آهي ۽ ڌاريا سنڌ ورهائڻ جي منصوبي تحت ميدان تي لٿل آهن. 29 نومبر تي ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ جلسو منعقد ڪيو ويندو، جنهن ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي. سنڌ منهنجي امان جلسي جي تيارين ۽ رابطا مهم جي سلسلي ۾ ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ٻلڙي شاهه ڪريم تعلقي جي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار پهتو، جتي هن حاجي محمد عرس ڪاتيار سان سنڌس سوٽ محمد ابراهيم ڪاتيار جي وفات تي، حافظ ايوب ڪاتيار سان سنڌس والد حافظ محمد دائود ڪاتيار ۽ وزير علي ڪاتيار سان سنڌس والد نظير احمد ڪاتيار جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي وحدت، بقا ۽ قومي تشخص کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌ جي عوام کي متحد ٿيڻو پوندو. هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جون سازشون ڪنهن ٻ صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون ۽ سنڌ جو عوام پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت جي حفاظت لاءِ هر محاذ تي آواز بلند ڪندو. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته 29 نومبر تي ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ "سنڌ منهنجي امان" جلسي ۾ لکين ماڻهو گڏ ٿي "سنڌ منهنجي امان" جا نعرا هڻندا. هن دعويٰ ڪئي ته گذريل 25 سالن جي تاريخ ۾ اهڙي نوعيت جي ڪانفرنس ناهي ٿي، جنهن ۾ بلوچن، پٺاڻن سميت مختلف قومي پارٽين ۽ ڌرين شرڪت ڪئي هجي ايس ٽي پي سربراهه وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي جو تحفظ وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ سان محبت ڪندڙ سمورين ڌرين کي سنڌ جي قومي وجود، وسيلن ۽ حقن جي حفاظت لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي، جيئن سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن ٻ سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو وڃي. ڊاڪٽر قادر مگسي ايم ڪيوايم تي تنقيد ڪندي چيو ته ايم ڪيوايم ماضي ۾ ٻ سنڌ جي مفادن خلاف ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌس چوڻ موجب اها اڄ ٻ سنڌ دشمن پاليسين تي عمل پيرا آهي. هن محسن نقوي جي مستقبل بابت پڻ سخت تنقيدي بيان ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 13

ڪا ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا، جنهن سبب معصوم شاگرد سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. اسڪول جي هيڊ ماستر غلام رسول شينو ٻڌايو ته 14 ڏينهن اڳ واقعي بابت شهيد مخدوم بلاول ٿاڻي تي درخواست پڻ ڏني هئي، پر واقعي ۾ ملوث چورن جو هن وقت تائين پتو پئجي نه سگهيو آهي، اسڪول ۾ پکا نه هجڻ سبب سخت گرميءَ ۾ معصوم ٻار ڪلاس رومز کان ٻاهر ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن، جنهن سان سنڌن پڙهائي متاثر ٿي رهي آهي، استادن ۽ شاگردن وزيراعليٰ سنڌ، وزيرِ تعليم ايم پي اي پير مجيب الحق ۽ ايس ايس پي صدام حسن خاصخيلي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول مان چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي، جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسڪول ۾ پکن جي فراهمي يقيني بڻائي ٻارن جي پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

و، حاجي لياقت سومرو، سعيد احمد ملاح، بخشڻ آبڙو، شيراز ميمڻ ۽ پارٽي جي ستي تنظيم پاران پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي دادو جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق کي سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل لا ڪاليجن جي بورڊ آف گورنرز جو چيئرمين مقرر ٿيڻ تي دل جي گهراين سان لک لک مبارڪون پيش ڪيون ويون آهن، ان موقعي تي پيپلز پارٽي دادو ستي جي اڳواڻن پنهنجي گڏيل پيغام ۾ چيو ته بئريسٽر پير مجيب الحق کي اهم ذميواري ملڻ خوشيءَ جوڳو قدم آهي، کين اميد آهي ته هو پنهنجي صلاحيتن، تجربي ۽ خدمتن کي ڪتب آڻيندي تعليمي شعبي جي بهتري، قانون جي تعليم جي واڌاري ۽ لا ڪاليجن جي تعليمي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا، هنن وڌيڪ چيو ته قانون جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۽ شاگردن لاءِ بهتر تعليمي موقعا پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي،اميد آهي ته نئين ذميواريءَ تحت قانون جي شاگردن جي تعليمي ۽ علمي ترقيءَ لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويندا، پيپلز پارٽي دادو ستي جي اڳواڻن بئريسٽر پير مجيب الحق لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته هو پنهنجي نئين ذميواري احسن طريقي سان نڀائيندا ۽ تعليمي ادارن جي بهتريءَ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندا

بقايا عوامي سوچ 15

بند جوابدارن استري جي دڪان تي ڌاڙو هڻي روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري ورتا، جڏهن ته مزاحمت ۽ شهرين جي گڏ ٿيڻ تي جوابدار فرار ٿي ويا، واقعي دوران ٽي سڳا ڀائر احسان سهتو، جواد سهتو ۽ حيدر سهتو زخمي ٿي پيا، جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، تفصيل موجب دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد بٽ محلي ۾ هٿياربند جوابدارن استري جي دڪان کي نشانو بڻايو ۽ اتي موجود ماڻهن کان روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري ورتا، زخمي ڀائرن موجب هنن مزاحمت ڪئي، جڏهن ته رڙين ۽ شور تي علائقي جا ماڻهو گڏ ٿيڻ لڳا، جنهن بعد جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا، واقعي جي اطلاع تي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته پوليس اين سي داخل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، زخمي ڀائرن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، ڦر ٿيل رقم ۽ موبائل فون واپس ڪرايا وڃن ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻئي طرف شهرين پڻ مطالبو ڪيو آهي ته دادو شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي ڌوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن شهري پاڻ کي محفوظ محسوس ڪري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 16

ڪارپوريشن ميرپورخاص جي ٻن ملازمن سميت ڪيترائي شهري سڙي زخمي ٿي پيا، جڏهن ته زخمي ملازم نند لال جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. مليل ڄاڻ موجب ٽنڊو آدم ناڪي وٽ قائم پيٽرول پوائنٽ تي اوچتو باهه ڀڙڪي پئي، جنهن ڪانپوءِ ميونسپل ڪارپوريشن جو عملو باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ فوري طور واقعي واري هنڌ پهتو ان دوران باهه جا تيز شعلا عملي جي ٻن ملازمن ۽ اتي موجود شهرين کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ورتو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو سڙي زخمي ٿي پيا. واقعي ۾ زخمي ٿيل ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازم نند لال جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته رمش سميت ٻين زخمين کي پڻ طبي امداد فراهم ڪئي وئي. واقعي شهر ۾ مبينا غيرقانوني پيٽرول وڪرو ڪندڙ پوائنٽن جي موجودگي، آتش گير شين جي محفوظ رکڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ بابت ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته اهڙن هنڌن تي حفاظتي انتظامن جي کوٽ ڪنهن وڏي سانحي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هوڏانهن ايپڪا شهيد ساقي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مظهر عباسي، صوبائي انفارميشن سيڪريٽري طاهر شيخ، ڊويزنل صدر سيد عابد علي شاهه، راشد رانا، عامر گلزار، وسيم جهنڊير ۽ قيوم جهنڊير سول اسپتال پهچي زخمي ملازمن جي عيادت ڪئي ۽ سنڌن علاج بابت ڄاڻ ورتي. ايپڪا اڳواڻن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ جيڪڏهن پيٽرول پوائنٽ غيرقانوني ثابت ٿئي ته ان جي ذميوارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن لاڳاپيل انتظاميا، پوليس ۽ ٻين ذميوار ادارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شهر اندر قائم پيٽرول جي غيرقانوني ۽ غيرمحفوظ پوائنٽن جي جاچ ڪئي وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪي شهرين ۽ ملازمن جي جانين جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 17

يشن جي سهڪار سان منشيات جي عادي ماڻهن جي علاج، بحالي ۽ کين معاشري جو ڪارائتو شهري بڻائڻ لاءِ اهم قدم کنيو ويو آهي، جنهن تحت 75 منشيات جي عادي ماڻهن کي علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته وڌيڪ 75 ڄڻن کي پڻ علاج ۽ بحاليءَ لاءِ موڪلڻ جا انتظام ڪيا ويندا. پوليس ميڊيا سيل موجب، ان مهم جي اڳواڻي ڊي ايس پي سٽي نعيم احمد چاچڙ ۽ ڊي ايس پي سيٽلائيٽ ٽائون عبدالباسط ڪري رهيا آهن. سنڌن نگرانيءَ هيٺ منشيات جي عادي 75 ماڻهن کي ايڌي سينٽر، ڊي ايڇ اي ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي، جتي کين ٽن مهينن تائين علاج، مناسب سارسنڀال ۽ بحاليءَ جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. علاج مڪمل ٿيڻ کان پوءِ کين واپس ميرپورخاص ۾ پنهنجن گهرن ڏانهن موڪليو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 18

ين ايوب ڪمبوهه شهر جي مين نيڪال پاڻي جي ٽلاءِ تي پهچي مشينري جو جائزو ورتو خراب جنريٽر ۽ پمپ جي فوري مرمت ڪري انهن کي استعمال جي قابل بڻائڻ جي هدايت ڪئي، تفصيلات جي مطابق ان موقعي تي ٽائون آفيسر ڊسپوزل آپريٽر محمد اڪبر ڪمبوهه کي هدايت ڪئي ته خراب جنريٽر ۽ پمپ جي مرمت ڪري هنگامي صورتحال لاءِ تيار رکيو وڃي ته ضرورت پوڻ تي مشينري استعمال ڪري سگهجي انهن ڊسپوزل عملي کي هدايت ڪئي پاڻي جو نظام بلامعتل بحال رکڻ جي هدايت ڪندي چيو ته سيوريج جو پاڻي رستي تي جمع ٿيڻ ان کي روڪڻ لاءِ موثر اقتدام ڪيو ويندو جيئن شهرين کي مشڪلاتن کان بچائي سگهجي ٽائون چيئرمين جاويد ميمڻ جي غير حاضري ۽ سيرسپاٽي ۾ مصروف آ هي ٽائون ڪاميٽي امور ۾ عدم دلچسپي جي حوالي سان شهري حلقن جي طرفان مسلم ليگ رهنما ايڊوڪيٽ آصف جاويد رندهاوا سوال اٿاريو ان جو چوڻ هو ته بلدياتي مسئلن جو حل ۽ صفائي سترائي سميت پاڻي جي نيڪال جي بهتر بڻائڻ لاءِ ٽائون قيادت جي موجودگي ضروري آ هي محڪمه سنڌ حڪومت بلديا نوٽس وٺي،

بقايا عوامي سوچ 19

ي ذهانت (AI) جي ڪردار تي بحث ڪيو ويو. گلابي آڪٽوبر جي تحت بريسٽ ڪينسر جي آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي، ۽ سرجنز جي سوسائٽي جو اجلاس ٿيو. تفصيل موجب، ابن سينا يونيورسٽي ۾ 28 هين ساليانِي بين الاقوامي طبي سمپوزيم جو مکيه موضوع "مصنوعي ذهانت (AI) جو ظهور: انسانيت جو هڪ نئون صبح يا انسانيت کان فاصلو؟" هو. سمپوزيم دوران، جديد طب، مصنوعي ذهانت، بيمارين جي تشخيص ۽ علاج ۾ ان جي امڪانن، ۽ ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ استعمال جي تناظر ۾ انساني همدردي، اخلاقي قدرن ۽ مريضن سان سڌي رابطي جي اهميت تي بحث ڪيو ويو. سمپوزيم کي چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد رضي محمد، پرو چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر شمس العارفين خان، وائيس چانسلر پروفيسر ظفر تنوير، پروفيسر ڊاڪٽر فرزانه مجيد، ڊاڪٽر دوحا راڄڙ، ڊاڪٽر جيوت سندر ۽ ڊاڪٽر نوشين ظفر، گيسٽرو اينٽرولوجسٽ پروفيسر ڊاڪٽر سيد ظفر عباس سان گڏ، جيڪي خاص طور تي لندن کان آيا هئا، خطاب ڪيو. مقررين چيو ته مصنوعي ذهانت (AI) جديد طب ۽ ڏندن جي علاج ۾ بي مثال تبديليون آڻي رهي آهي، جنهن ذريعي بيمارين جي تشخيص، علاج ۽ طبي تحقيق ۾ نوان امڪان پيدا ٿي رهيا آهن. بهرحال، ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾، انساني همدردي، اخلاقي قدرن ۽ مريضن سان سڌو رابطو برقرار رکڻ پڻ تمام ضروري آهي. مقررين طبي تعليم ۽ تحقيق ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال ۽ ان جي ذميوارانه استعمال جي اهميت تي زور ڏنو ان دوران، گلابي آڪٽوبر (PINKtober) جي حوالي سان بريسٽ ڪينسر بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص سيشن ۽ واڪ جو انعقاد ڪيو ويو. ان موقعي تي ڳالهائيندي چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد رضي محمد چيو ته بريسٽ ڪينسر خلاف اثرائتي جنگ لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ، بروقت تشخيص ۽ مناسب علاج جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ضروري آهي. عورتن کي هن بيماري بابت سماجي جهجڪ ۽ غلط فهمين کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي صحت جي مسئلن بابت کليل طور تي ڳالهائڻ گهرجي ته جيئن بروقت طبي معائنو ۽ علاج ذريعي بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن. هن چيو ته تعليمي ادارا سماج ۾ صحت بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. بريسٽ ڪينسر جي علامتن بابت آگاهي ۽ بروقت طبي صلاح مشوري جي حوصلا افزائي وقت جي ضرورت آهي. پروفيسر ڊاڪٽر فرزانه چانگ، ڊاڪٽر انعم آصف پڻ سيشن کي خطاب ڪيو ۽ بريسٽ ڪينسر جي بروقت تشخيص، علاج ۾ دير کان بچڻ ۽ متاثر عورتن جي حوصلا افزائي جي اهميت کي اجاگر ڪيو ان موقعي تي بريسٽ ڪينسر جي آگاهي جو پيغام پکيڙڻ لاءِ هڪ واڪ پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ يونيورسٽي جي فيڪلٽي ميمبرن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان کان علاوه، سوسائٽي آف سرجنز، ميرپورخاص چيپٽر اي جو اجلاس پڻ منعقد ٿيو جنهن ۾ چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد راضي محمد، پروفيسر ڊاڪٽر اعجاز ميمڻ ۽ ڊاڪٽر فضا افتخار، ٻين سرجنن سان گڏ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. اجلاس دوران طبي شعبي سان لاڳاپيل مسئلن ۽ سرجن جي پيشه ورانه ڪردار تي بحث ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن طبي علم ۽ تجربي جي تبادلي، پيشه ورانه لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ ۽ صحت جي شعبي ۾ بهتري لاءِ گڏيل ڪوشش جي اهميت تي زور ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 20

هي هئي، جنهن ڪري رهواسين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو صوبائي وزير ۽ ايم پي اي رياض حسين شاهه شيرازي جي ڪوشش سان اڄ 8 ٿئي بجليءَ جي پولن ۽ تارن کي تبديل ڪري نيون تارون ۽ پول لڳايا ويا آهن، جنهن سان علائقي واسين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي آهي. شهرين ان قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته بجليءَ جي فراهميءَ ۾ بهتري ايندي ۽ کين بار بار بجلي بند ٿيڻ واري تڪليف کان ڇوٽڪارو ملندو، عوامي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم ئي عوامي خدمت جو حقيقي ثبوت آهن. شهرين اميد ظاهر ڪئي ته اهڙي ئي سنجيدگيءَ سان جهرڪ جي ٻين بنيادي مسئلن ڏانهن ٻ ڌيان ڏنو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 21

مي مسئلن جي حل ۽ صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ بابت اهم خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس دوران علائقي جي عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اسپتال ناهڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو. اجلاس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، سهراب ڳوٺ ٽائون جو چيئرمين لالا عبدالرحيم، ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو صدر اقبال ڪاڪڙ، مصالحت ڪميٽي جو چيئرمين ملڪ عبدالحد ڪاڪڙ، ڊاڪٽر عتيق ڪاڪڙ، حاجي رمضان ڪاڪڙ، ايڊووڪيٽ امان الله ڪاڪڙ، قاهر پهلوان، لالا قادر، سعد ملوڪ ترين، حاجي سعيد ڪاڪڙ، دوست محمد ڪاڪڙ، خدائيداد ڪاڪڙ، مولانا محمد غياث ۽ ڊمپر ايسوسيئيشن جو صدر حاجي لياقت محسود سميت ٻين ذميوارن ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪاڪڙ برادري جي فلاح ۽ بهبود، عوام کي درپيش مسئلن جي حل ۽ ويلفيئر ايسوسيئيشن کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن چيو ته برادري جي مستحق ماڻهن جي مدد، صحت جي سهولتن جي فراهمي ۽ ٻين فلاحي سرگرمين کي اوليت ڏني ويندي. اجلاس ۾ اسپتال ناهڻ جي اعلان کي فلاحي سرگرمين ڏانهن هڪ اهم قدم قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي وئي ته منصوبي جي تڪميل سان ڪاڪڙ برادري سميت علائقي جي ٻين رهواسين کي ٻ صحت جون بهتر سهولتون ميسر ٿي سگهنديون. شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن باهمي اتحاد، اتفاق ۽ گڏيل جدوجهد ذريعي عوامي خدمت جو دائرو وڌايو ويندو، جيئن ضرورت مند ماڻهن کي وڌ کان وڌ سهولتون ۽ رليف فراهم ڪري سگهجي. اجلاس جي پڄاڻيءَ تي ان اميد جو اظهار ڪيو ويو ته ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن مستقبل ۾ ٻ سماجي ڀلائي، صحت ۽ عوامي خدمت جي ميدان ۾ پنهنجو ڪردار وڌيڪ اثرائتي نموني ادا ڪندي

بقايا عوامي سوچ 22

صحت لاءِ انتهائي اهم آهن. جڏهن ته ڪرڪيٽ جهڙيون رانديون نوجوانن ۾ نظم وضبط، ٽيم ورڪ ۽ مثبت سوچ کي هٿي ڏين ٿيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن ضلعي انتظاميا مٽياري پاران مٽياري جمخانا ۾ منعقد ڪيل مٽياري سپر ليگ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته نوجوانن کي صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر ٽورنامينٽ جو باقاعده افتتاح ڪيو ۽ رانديگرن جي حوصلا افزائي لاءِ ايونٽ ۾ شرڪت پڻ ڪئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي، ڪامران خاصخيلي ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. مٽياري جمخانا ۾ مٽياري سپر ليگ فلڊ لائٽس جي روشنيءَ ۾ هڪ جوش ۽ جذبي واري ماحول ۾ کيڏي پئي وڃي. ٽورنامينٽ جو مقصد نوجوانن کي راندين جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ ۽ ضلعي ۾ صحتمند سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ آهي. ٽورنامينٽ جا سمورا انتظام ٽورنامينٽ سيڪريٽري عزير احمد پاران ڪيا ويا آهن. ٽورنامينٽ جي پهرين ڏينهن ٽي ميچون کيڏيون ويون. پهرين ميچ ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن مٽياري، مٽياري ڪنگزمين کي شڪست ڏئي ڇڏي. پهرين بيٽنگ ڪندي مٽياري ڪنگزمين جي ٽيم 39 رنسون ٺاهيون، جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن مٽياري جي ٽيم حمزه خالد جي 24 رنسن جي مدد سان گهربل هدف حاصل ڪري ورتو ٻي ميچ ۾ مٽياري لائنز، مٽياري ايگلز کي ٽن رنسن تان شڪست ڏني. پهرين بيٽنگ ڪندي مٽياري لائنز جي ٽيم 43 رنسون ٺاهيون، جنهن جي جواب ۾ مٽياري ايگلز جي ٽيم 40 رنسون ئي ٺاهي سگهي. ٽين ميچ ۾ مٽياري اسٽرائيڪرز، ڊسٽرڪٽ پوليس مٽياري کي شڪست ڏئي ڇڏي. پهرين بيٽنگ ڪندي مٽياري اسٽرائيڪرز جي ٽيم 65 رنسون ٺاهيون، جڏهن ته ڊسٽرڪٽ پوليس مٽياري جي ٽيم 51 رنسون ٺاهي سگهي. مٽياري اسٽرائيڪرز پاران دانش 33 رنسن جي شاندار اننگز کيڏي. ضلعي انتظاميا مٽياري پاران مٽياري سپر ليگ جو انعقاد نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ ضلعي ۾ راندين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي

بقايا عوامي سوچ 23

ڪندڙ کي مڪمل قبضو پڻ ڏنو ويو هو. جيڪو اڄ تائين ان ڌر وٽ ئي موجود آهي. پر حيرت انگيز طور تي، اصل مالڪن اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري ۽ مختيارڪار گهوڙاٻاري سان ملي ڀڳت ڪري ان ئي زمين جو ٻيهر "سيل سرٽيفڪيٽ" حاصل ڪري، اها ساڳي زمين هڪ ٻي ڌر وٽ وڪرو ڪري ڇڏي آهي. روينيو آفيس گهوڙاٻاري جي اعليٰ عملدارن جي هن مبينا ملي ڀڳت ۽ سيل سرٽيفڪيٽ جي غيرقانوني اجراءَ مان اهو واضح ثابت ٿئي ٿو ته تعلقي گهوڙاٻاري ۾ بااثر ڌرين سان گڏجي اهڙا ڪيترائي جعلي ڪاتا جوڙيا ويا آهن، جنهن سان روينيو کاتي جي شفافيت ۽ نااهليءَ جي پٽ وائکي ٿي پئي آهي. وزير اعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري ۽ بورڊ آف روينيو سنڌ، ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو فوري طور گهوڙاٻاري تعلقي جي روينيو رڪارڊ ۽ جاري ڪيل سيل سرٽيفڪيٽن جي اعليٰ سطحي انڪوائري ڪرائي ديه پالڪي ۾ ملي ڀڳت تحت جاري ڪيل ڊبل سيل سرٽيفڪيٽ ۽ مربوط جعلي ڪاتن کي فوري طور تي منسوخ (Cancel) ڪيو وڃي. هن سنگين غيرقانوني عمل ۽ ملي ڀڳت ۾ ملوث مختيارڪار، اسسٽنٽ مختيارڪار ۽ تپيدارن خلاف نيب (NAB) ۽ اينٽي ڪرپشن تحت سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. 23 سالن کان قابض اصل خريد ڪندڙ ڌر جي قانوني مالڪاڻن حقن ۽ قبضي جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

ويڪسين ۽ نانگ جي ڏنگيل مريضن لاءِ اينٽي وينم سيرم جي دستيابي، مريضن کي بروقت علاج فراهم ڪرڻ ۽ ويڪسين جي مڪمل ڪورس کي يقيني بڻائڻ بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي چيو ته ضلعي جي سمورن ڄاڻايل صحت مرڪزن تي ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين ۽ نانگ جي ڏنگيل مريضن لاءِ اينٽي وينم سيرم جي دستيابي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي، جيئن هنگامي صورتحال ۾ مريضن کي بنا ڪنهن دير جي ضروري طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ضلعي ۾ رولو ڪتن جي وڌندڙ تعداد تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ميونسپل ڪميٽي بدين ۽ ٻين لاڳاپيل ٽائون انتظاميا کي هدايت ڪئي ته آواره ڪتن جي وڌندڙ تعداد تي ضابطو آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن، جيئن ڪتي ڏاڙهڻ جا واقعا گهٽائي سگهجن ۽ انساني جانين کي تحفظ فراهم ڪري سگهجي هن صحت کاتي جي آفيسرن کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين جو پهريون ڊوز لڳرائيندڙ هر مريض کي مقرر شيڊول موجب ايندڙ ڊوزز لڳائڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي. جيڪڏهن ڪو مريض مقرر تاريخ تي ٻي يا باقي ويڪسين لڳرائڻ لاءِ صحت مرڪز نه پهچي ته لاڳاپيل عملي پاران فون ذريعي رابطو ڪري ڪيس ويڪسين جو ڪورس مڪمل ڪرائڻ لاءِ آگاهه ۽ قائل ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ويڪسين جو ڪورس اڌ ۾ ڇڏڻ سان ريبيز جهڙي خطرناڪ بيماري جو خطرو برقرار رهي سگهي ٿو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر وسيم عباس خواجه گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي بدين ۾ ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين لاءِ آر وي جا 26 سينٽر قائم آهن، جتي هلندڙ مهيني آڪٽوبر جي 12 تاريخ تائين ڪتي ڏاڙهڻ جي 402 مريضن کي ويڪسين فراهم ڪئي وئي آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته نانگ جي ڏنگيل مريضن جي علاج لاءِ ضلعي ۾ اي ايس وي جا 47 سينٽر موجود آهن، جتي آڪٽوبر مهيني دوران هيل تائين 17 مريضن کي اينٽي وينم سيرم فراهم ڪيو ويو آهي گڏجاڻي ۾ ايم ايس سول اسپتال بدين ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ بدين اي طاهر لاشاري، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ بدين بي رضيه اڄڻ، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، هيڊ آف ڪيمپس انڊس اسپتال بدين ڊاڪٽر سڪندر علي ميمڻ، ڊاڪٽر حرمت ۽ صحت کاتي جا ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 25

ن شهمير خان ڀٽو ڊويزن ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ ڪنهن ٻ اڻٽندڙ صورتحال کان بچڻ لاءِ ضابطه فوجداري جي قلم 144 تحت 12 آڪٽوبر کان 26 آڪٽوبر 2026ع تائين 15 ڏينهن لاءِ مختلف پابنديون لاڳو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل حڪم نامي موجب مجاز اختيارين جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ پنجن کان وڌيڪ ماڻهن جي عوامي گڏجاڻين، احتجاجي مظاهرن، ڌرڻن، ريلين ۽ جلوسن جي انعقاد تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه روڊ رستا بند ڪرڻ، ٽريفڪ جي رواني ۾ رنڊڪ وجهڻ ۽ هنگامي خدمتن ۾ خلل پيدا ڪرڻ تي پڻ پابندي هوندي. حڪم نامي تحت هٿيارن، گولي بارود، لٺين ۽ ٻين نقصانڪار شين جي نمائش ڪرڻ ۽ پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ، اشتعال انگيز تقريرون ڪرڻ، نفرت انگيز نعرا هڻڻ ۽ سوشل ميڊيا تي نفرت انگيز يا اشتعال پيدا ڪندڙ مواد شايع ڪرڻ يا شيئر ڪرڻ تي پڻ پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي آهي ته جاري ڪيل حڪم تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. حڪم جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ لاڳاپيل ٿاڻن جي اسٽيشن هائوس آفيسرن (SHOs) کي ضابطه فوجداري جي قلم 195(1)(الف) تحت لکت ۾ شڪايتون داخل ڪرائڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي، ته جيئن پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 188 تحت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي. اهو حڪم ميرپورخاص ڊويزن جي ٽنهي ضلعن ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 26

ڻ بابت خبرون سامهون اچڻ کان پوءِ اسسٽنٽ مختيارڪار ڪوٽڙي پرويز ڪوريجو ڪارروائي ڪندي لاڳاپيل دڪان تي پهتو، جتي دڪان کي سيل ڪري مالڪ کي گرفتار ڪرايو ويو. ان موقعي تي اسسٽنٽ مختيارڪار پرويز ڪوريجو چيو ته شهرين جي صحت ۽ سلامتي انتظاميا جي اولين ترجيح آهي. بيمار مرغين جو گوشت وڪرو ڪرڻ واري معاملي کي سنجيدگي سان ورتو ويو آهي. جڏهن ته دڪان جي مالڪ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته عوام جي صحت سان ڪنهن ٻ قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب قدم کنيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 27

ي تبديليءَ جي شروعات انسان جي پنهنجي اندر کان ٿئي ٿي: جيستائين انسان پنهنجي انا، غرور، حسد، نفرت ۽ خودغرضيءَ تي ضابطو نه آڻيندو، تيستائين اخلاقي ۽ روحاني سڌارو ممڪن ناهي. سائين اها ڳالهه انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان پاران درگاهه سائينَ حيدر شاهه بخاري رح (پيارو لنڊ ٽنڊو الهيار) جي آستاني ۾ منعقد ڪيل محفل هديه ڪثرت درود پاڪ جي پروگرام دوران پنهنجي روحاني ۽ اصلاحي خطاب دوران ڪئي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر جو حوالو ڏيندي سائين چيو ته لطيف سائينءَ جو جوڳي ظاهري ويس کان وڌيڪ باطني سجاڳي، خودشناسي ۽ نفس سان جدوجهد جي علامت آهي، جڏهن ته علامه اقبال جو پيغام عمل ۽ بلند ڪردار جي تعمير آهي. قرآن پاڪ ٻ واضح ڪري ٿو ته الله ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي، جيستائين اها پنهنجي اندر جي حالت نه بدلائي. سائين چيو ته، اسلام ۾ انسان جي عظمت جو معيار نسل، لباس، شهرت يا دعويٰ نه، پر تقويٰ، نيڪ عمل ۽ حسنِ اخلاق آهي. اولياءَ الله ۽ صوفياءِ ڪرامَ جي تعليمات جو بنيادي مقصد ٻ دل جي اصلاح، نفس تي ضابطو، حق سان وفاداري ۽ مخلوقِ خدا سان محبت آهي. انسان کي ٻين جي عيبن جي تلاش کان اڳ پنهنجي ڪمزورين جو محاسبو ڪرڻ گهرجي. موجوده ٽيڪنالاجيءَ جي دور بابت سائين چيو ته، موبائل، سوشل ميڊيا ۽ مصنوعي ذهانت علم ۽ خدمت جا بهترين ذريعا بڻجي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن انهن کي ڪوڙ، غيبت، نفرت ۽ وقت ضايع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ته اهي اخلاقي زوال جو سبب ٻ بڻجي سگهن ٿا. جديد انسان کي ٽيڪنالاجيءَ سان گڏ ضمير، اخلاق ۽ ذميواريءَ جي تربيت ٻ حاصل ڪرڻ گهرجي. سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري چيو ته موبائل استعمال ڪريو، پر ان جا غلام نه بڻجو: علم حاصل ڪريو، پر غرور نه ڪريو: اختلاف رکو، پر نفرت نه پکيڙيو ۽ هر رات پنهنجي عمل جو احتساب ڪريو. هن زور ڏنو ته دل ۾ تقويٰ، زبان تي سچ، اکين ۾ حيا، معاملن ۾ انصاف ۽ عمل ۾ اخلاص پيدا ڪرڻ ئي اندر جي انسان کي تبديل ڪرڻ جو اصل رستو آهي. پروگرام ۾ قلندري طارق علي چارڻ ۽ نواز علي مري نعت خواني پڻ ڪئي، ان موقعي تي محمد ابراهيم هاليپوٽو، رجب برفت، لائق برفت، اعجاز مستوئي، روشن نونداڻي، مختيار علي انڙ، عمران هڪڙو، خالد پنهور، شيرخان پنهور، شمشاد علي ٽيهو، محمد بچل لاشاري، محمد رفيق هنگورو، ابوبڪر هنگورو، محمد حنيف بوزدار، حاصل مستوئي، نويد قريشي، احمد علي خاصخيلي، چنيسر برفت، نعمان مستوئي، رياض حسين عالماڻي، ڪاشف مستوئي، مشيب شاهه، عابد جانوري، جاويد هڪڙو ۽ ظهير ٽيهو پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 28

ي جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي، ٻن ويلن جي ماني ٻ غريب خاندانن لاءِ خواب بڻجڻ لڳي آهي. اٽي جي وڌندڙ اگهن غريبن سان گڏ سفيد پوش ماڻهن کي ٻ سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. روزانو پورهيو ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندڙ مزدور لاءِ هاڻي اٽو خريد ڪرڻ ٻ وڏو امتحان بڻجي ويو آهي. ڏنل ڄاڻ موجب ٽنڊوالهيار ۾ اٽي جو في ڪلو اگهه 170 کان 200 رپين تائين پهچي ويو آهي، جنهن سبب پورهيت طبقو سخت معاشي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. هڪ پاسي روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه وڌي رهيا آهن ته ٻئي پاسي پورهيتن جي آمدني محدود هجڻ سبب گهر جو خرچ هلائڻ مشڪل ٿيندو پيو وڃي. غريب خاندانن لاءِ ٻچن کي ماني کارائڻ ۽ ٻين بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. شهرين ۽ پورهيت طبقي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اٽي جي اگهن تي ضابطو آندو وڃي، سرڪاري اگهن تي عمل يقيني بڻايو وڃي ۽ مهانگائيءَ جي ماريل عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 29

. مراد فقير ۽ مائي ڀاڳيءَ کان وٺي موهن ڀڳت، صادق فقير، عارب فقير ۽ زوار فقير تائين، ٿر جي راڳين پنهنجي فن جي انفرادي سڃاڻپ قائم ڪندي سنڌ جي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن خيالن جو اظهار ٿر جي نامياري ڏاهي، اديب، محقق ۽ دانشور پروفيسر نور احمد جنجهي، مارواڙي لوڪ گيتن جي نامور گائڪ عارب فقير جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته ٿر جي موسيقي رڳو وندر جو ذريعو ناهي، پر اها هن خطي جي تاريخ، تهذيب، ٻولي، سماجي قدرن ۽ اجتماعي احساسن جي زنده دستاويز آهي. ٿرجي فنڪارن هر دور ۾ پنهنجي آواز وسيلي پنهنجي ڌرتيءَ جو پيغام پهچايو آهي، تنهنڪري انهن جي فني خدمتن کي ياد ڪرڻ، سنڌن ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۽ سنڌ موسيقيءَ جي مختلف دورن جو ذڪر ڪندي چيو ته مراد فقير ۽ مائي ڀاڳيءَ جي دور ۾ ٿرجي لوڪ گيتن، خاص ڪري 'چرمي' ۽ 'ڪڙي نيم کي نيچي' جهڙن گيتن، عوامي مقبوليت ماڻي. انهن فنڪارن جي آواز ۾ ٿر جي سادگي، فطرت سان محبت ۽ مارواڙن جي زندگيءَ جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا. ان کان پوءِ موهن ڀڳت جو دور آيو، جنهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي واين کي پنهنجي منفرد انداز ۾ ڳائي سنڌ جي صوفي راڳ کي نئين رنگ ۽ سڃاڻپ ڏني. اڳتي هلي صادق فقير، عارب فقير ۽ استاد حسين فقير جهڙن فنڪارن ٿر جي موسيقيءَ کي وڌيڪ وسعت ڏني. صادق فقير شيخ اياز، استاد بخاري، سرويچ سجاولي، سائنداد ساند ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي پنهنجي آواز ۾ ڳائي وڏي شهرت ماڻي، جڏهن ته عارب فقير پنهنجي مخصوص مارواڙي گائڪيءَ وسيلي ٿرجي لوڪ موسيقيءَ کي هڪ الڳ سڃاڻپ بخشي. عارب فقير: مارواڙي لوڪ گيتن جو منفرد آواز عارب فقير رڳو هڪ سگهارو ۽ منفرد آواز رکندڙ فنڪار نه هو، پر مارواڙي ٻوليءَ جي لوڪ شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو هڪ اهم حوالو

بقايا عوامي سوچ 30

يءَ جو شڪار بڻجي ويو آهي. مهانگائيءَ جي وڌندڙ بار سبب اڳ ئي ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان غريب خاندانن جون مشڪلاتون وڌيڪ وڌي ويون آهن. اٽي جي وڌندڙ اگهن ۽ عام ماڻهن کي درپيش معاشي ڏکيائين خلاف قومي امن ڪائونسل فار هيومن رائيٽس طرفان پٿورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جتي مظاهرين پاران اٽي جي وڌندڙ قيمتن خلاف سخت نعريبازي ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو. مظاهرين مطالبو ڪيو ته اٽي جي اگهن تي ضابطو آڻي عوام کي مناسب اگهن تي اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ ترت اثرائتا قدم کنيا وڃن، جيئن غريب پورهيت طبقو پنهنجي ٻچن لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪري سگهي. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اٽي جي قيمتن جي نگراني ڪري مقرر اگهن تي وڪري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوام کي مهانگائيءَ جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سنڌ جي صوبائي ڪونسل جو اجلاس 17 ۽ 18 آڪٽوبر تي آڊيٽوريم هال نوابشاهه ۾ ٿيندو: علامه سيد اسد اقبال زيدي

صوبائي مجلس عامله اراڪين مقيم نوابشاهه، ضلعي جي عالمن ۽ تعلقن صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جي هڪ اهم ميٽنگ

اجلاس جي انتظامن جي حوالي سان ڪاميٽيون ۽ ذميواريون ورهايون ويون ۽ ٻين معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

ناظم مشتاق احمد چانڊيو، جي. ايس. او جي محمد صديق ڪاتيار ۽ جعفريوٽ ۽ جي. ايس. او جي ذميوارن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

نوابشاهه(رپورٽ ڪاشف علي رند)شيعه علماء ڪونسل پاڪستان سنڌ جي صوبائي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي جي صدارت ۾ صوبائي مجلس عامله اراڪين مقيم نوابشاهه، ضلعي جي عالمن ۽ تعلقن صدرن ۽ جنرل س/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ٽائون ڪاميٽي ٻلڙي شاهه ڪريم جي ملازم امين رند پاران ٽائون انتظاميه جي ناانصافين ماهوار پگهار مان ناجائز ڪٽوتي خلاف سخت احتجاج

پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر زمان شاهه پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو کان تدارڪ جي گهر

انتظاميه پاران هر مهيني پگهار مان ناجائز ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جنهن سبب سخت معاشي تڪليفن کي منهن ڏئي رهيو آهيان

ڪٽوتي سبب گهٽ پگهار ملڻ ڪري بيمار معذور پٽ جو علاج به نٿو ڪرائي سگهان

ٻلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ شهباز علي مگسي) ٽائون ڪاميٽي ٻلڙي شاهه ڪريم جي ملازم امين رند پاران ٽائون انتظاميه جي ناانصافين ماهوار پگهار مان ناجائز ڪٽوتي خلاف سخت احتجاج پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر زمان شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2



تعلقي گهوڙاٻاري، ديه خانائي جي ڳوٺ حاجي عثمان لاشاري جي رهواسي ڪيٽرن ٿي متاثر ملاح برادري جي ماڻهن جو احتجاج

زمين تي بااثر ماڻهن پاران مبينا قبضي ڪرڻ واري ڪوشش خلاف ايس ايس پي آفيس مڪلي آڏو سخت احتجاج

کين تحفظ مهيا ڪري وڏيڪ پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) تعلقي گهوڙاٻاري، ديه خانائي جي ڳوٺ حاجي عثمان لاشاري جي رهواسي ڪيٽرن ٿي متاثر ملاح برادري جي ماڻهن پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ هٿياربندن جي ڦر، ڳوٺ خميسو حاجاڻو واسي موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ نقد رقم کان محروم

ٻن نقاب پوش هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڳوٺ خميسو حاجاڻو واسي يعقوب حاجاڻو، ذاڪر حاجاڻو ۽ مجنون حاجاڻو کي يرغمال بڻائي تشدد بعد ڦر ڪري ورتي

هٿياربند متاثر ماڻهن کان هڪ سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2026، ٻه موبائل فون ۽ 20 هزار رپيا نقد رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا

شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن متاثر ماڻهن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان، ڊي ايس پي ٻلڙي شاهه ڪريم ۽ ايس ايڇ او ملاڪاتيار کي اپيل

ٻلڙي شاهه ڪريم(رپورٽ شهباز علي مگسي) ٻلڙي شاهه ڪريم پرسان ملاڪاتيار پوليس اسٽيشن جي حد ۾ هٿياربندن جي ڦر، ڳوٺ خميسو حاجاڻو واسي موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ نقد رقم کان محروم رپورٽ موجب ٻلڙي شاهه ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

نوشهروفيروز واسڻ ناري مسمات شمشاد مشهوري پنهنجي مرضي سان ٺٽي جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

پرڻي بعد مسمات شمشاد جي مائٽن پاران کين ملندڙ موتمار ڌمڪين بعد پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي وس وارن کي تحفظ جي اپيل ڪري ڇڏي

نوجوان جيئندو ولد الهبچايو چانگ سان ٺٽي جي عدالت ۾ پنهنجي مرضي سان شريعت محمدي موجب حق نڪاح شادي ڪري ڇڏي آهي

جنهن سان آءُ خوش زندگي گذاريان پئي، پر هاڻي منهنجا مائٽ منهنجي ۽ منهنجي مڙس سميت مڙس جي ٻين مائٽن جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير شهر واسي جيئندو چانگ سان نوشهروفيروز واسڻ ناري مسمات شمشاد مشهوري پنهنجي مرضي سان ٺٽي جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو. پرڻي بعد مسمات شمشاد جي مائٽن پاران کين ملندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5



سنڌ جي مختلف کاتن جي ملازمن جا ڪوڙ سارا مسئلا آهن، جن جي حل لاءِ ڪوششون جاري آهن: حاجي محمد اشرف خشڪ

جن کي جلد حل ڪرائي ملازمن کي پريشاني کان بچايو ويندو، ايپڪا اڳواڻ عبدالڪريم پانڌ ۽ حاجي محمد اشرف خشڪ پائي وڏيڪ چيو ٽريزري آفيس ٺٽو سرڪاري ملازمن جي خدمت لاءِ آهي

ٽريزري آفيس ٺٽو سرڪاري ملازمن جي جائز مالي ۽ قانوني حقن جي تحفظ ۽ بروقت ادائگين کي يقيني بڻائڻ لاءِ قائم ڪئي وئي آهي

واجبات ۽ ٻين مالي معاملن ۾ بنا جواز دير يا ڪنهن به غير قانوني قدم جي صورت ۾ لاڳاپيل اختيارين کان پڇا ۽ قانوني انداز ۾ جواب طلب ڪيو ويندو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ايپڪا سنڌ جي نائب صدر عبدالڪريم پانڌ ۽ ايپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي محمد اشرف خشڪ پائي پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ جي مختلف کاتن جي ملازمن جا ڪوڙ سارا مسئلا آهن. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٺٽو ۾ نومبر 2026 ع جي پوليو کان بچاءَ واري مهم جي تيارين جو جائزو، انتظام مڪمل ڪرڻ تي زور

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ نومبر 2026 ع ۾ ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري مهم (SNID) جي تيارين جو جائزو وٺڻ لاءِ رابطا اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس ۾ عالمي اداري صحت (WHO) جي ڊويزنل پوليو آفيسر، سي سي او (CCO)، مختيارڪار ڪيٽي بندر ۽ پي ڊي اي (PDA) شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ ايندڙ پوليو مهم کي اثرائتي نموني منعقد ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ رابطي ۽ سهڪار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ٺٽو.(رپورٽ واحدم ورو) ٺٽو ۾ نومبر 2026 ع جي پوليو کان بچاءَ واري مهم جي تيارين جو جائزو، انتظام مڪمل ڪرڻ تي زور-ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

يوسي جنگشاهي، يوسي ڪوهستان جي سوين نياڻين جو مين جنگشاهي گرلس هاءِ اسڪول انتظامي مسئلن جي ور چڙهيل

600 کان وڌيڪ شاگرديائڻين جو تعليمي مستقبل داءُ تي گوسٽ ٽيچر کي ريلف ڪرڻ ڏيارڻ ضلعي ٺٽي تعليمي ڪامورن پاران پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اٽڪلون تعليم تباهه

گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول جنگشاهي گذريل ڪجهه عرصي کان انتظامي مسئلن ۽ بار بار ٿيندڙ تبديلين سبب توجهه جو مرڪز بڻيل آهي

جنگشاهي(رپورٽر)جنگشاهي تعلقي ٺٽي جي پوٽي پيل ڪوهستاني علائقي يوسي جنگشاهي، يوسي ڪوهستان جي سوين نياڻين جو مين جنگشاهي گرلس هاءِ اسڪول انتظامي مسئلن جي ور چڙهيل. 600 کان وڌيڪ شاگرديائڻين جو تعليمي مستقبل داءُ تي گوسٽڙو ٽيچر کي ريلف ڪرڻ ڏيارڻ ضلعي ٺٽي تعليمي ڪامورن پاران پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اٽڪلو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8



GOVERNMENT OF SINDH
SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT

ORDER

SECRETARY TO GOVT OF SINDH

SECTION OFFICER

ٿيليسيميا پيشنٽ ويلفيئر سوسائٽي جي سهڪار سان پوليس لائين ميرپورخاص ۾ رت عطيو ڪرڻ واري ڪئمپ لڳائي وئي

ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي هدايتن تي لڳايل ڪئمپ جو ايس ايس پي ميرپورخاص دورو

ان موقعي تي هن نوابشاهه کان آيل ويلفيئر سوسائٽي جي نمائندن سان ملاقات ڪري ڪئمپ ۾ جاري سرگرمين جو جائزو ورتو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پوليس پاران ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن ۽ مريضن کي رت جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ ٿيليسيميا پيشنٽ ويلفيئر سوسائٽي جي سهڪار سان پوليس لائين ميرپورخاص ۾ رت ع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ابن سينا يونيورسٽي جي 28 هين ساليانى بين الاقوامي طبي سمپوزيم ۾ (AI) جي ڪردار تي بحث ڪيو ويو

گلابي آڪٽوبر جي تحت بريسٽ ڪينسر جي آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي، ۽ سرجنز جي سوسائٽي جو اجلاس ٿيو

ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ استعمال جي تناظر ۾ انساني همدردي، اخلاقي قدرن ۽ مريضن سان سڌي رابطي جي اهميت تي بحث ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ابن سينا يونيورسٽي جي 28 هين ساليانى بين الاقوامي طبي سمپوزيم ۾ طبي ميدان ۾ مصنوع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

چيئرمين جاويد ميمڻ ٽائون ڪاميٽي محرابپور جي ڪمن کان بيزار

ٽائون آفيسر آفتاب ملاح ۽ وائس چيئرمين ايوب ڪمبوهه شهر جي مين نيڪال پاڻي جي نالي تي پهچي مشينري جو جائزو ورتو

خراب جنريٽر ۽ پمپ جي فوري مرمت ڪري انهن کي استعمال جي قابل بڻائڻ جي هدايت ڪئي

محرابپور (ربوٽ امين دانش)چيئرمين جاويد ميمڻ ٽائون ڪاميٽي محرابپور جي ڪمن کان بيزار ٽائون آفيسر آفتاب ملاح ۽ وائس چيئرم / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ميرپورخاص پوليس جو منشيات جي عادي ماڻهن جي بحاليءَ لاءِ قدم، 75 ڄڻن کي علاج لاءِ ڪراچي منتقل

جنهن تحت 75 منشيات جي عادي ماڻهن کي علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي

ان مهم جي اڳواڻي ڊي ايس پي سٽي نعيم احمد چاچڙ ۽ ڊي ايس پي سيٽلائيٽ ٽائون عبدالباسط ڪري رهيا آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پوليس پاران اينٽي نارڪوٽڪس اينڊ ڪرائم ڪنٽرول سوشل اويئرنيس آرگنائيز/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ميرپورخاص: ٽنڊو آدم ناڪي وٽ مبينا غيرقانوني پيٽرول پوائنٽ تي باهه

ميونسپل ڪارپوريشن جي ٻن ملازمن سميت ڪيترائي ماڻهو سڙي زخمي، نند لال حيدرآباد ريفر

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) ٽنڊو آدم ناڪي وٽ مبينا غيرقانوني پيٽرول وڪرو ڪندڙ پوائنٽ تي اوچتو باهه لڳڻ سبب ميونسپل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

دادو ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۽ ڦرلٽ، ٽي سڳا ڀائر زخمي، شهر ۾ بدامني تي ڳڻتي

ٻٽ محلي ۾ استري جي دڪان تي هٿياربندن جو ڌاڙو، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦرڻ بعد فرار

زخمين جو ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر ۾ بدامني ۽ ڦرلٽ جي وڌندڙ وارداتن سبب شهرين ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي. دادو جي ٻٽ محلي ۾ هٿيار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

پير مجيب الحق کي لا ڪاليجن جي بورڊ آف گورنرز جو چيئرمين مقرر ٿيڻ تي پيپلز پارٽي دادو سٽي پاران مبارڪون

تعليم ۽ قانون جي شعبي جي بهتري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا: پيپلز پارٽي دادو سٽي جي اڳواڻن جو اظهار

پنهنجي نئين ذميواري احسن طريقي سان نڀائيندا ۽ تعليمي ادارن جي بهتريءَ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پاڪستان پيپلز پارٽي دادو سٽي جي صدر احمد نواز سولنگي، اطلاعات سيڪريٽري طاهر لغاري، افتخار احمد راهوج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو: اسڪول مان پکا ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري، معصوم ٻار گرميءَ ۾ ٻاهر ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور

جنهن سبب معصوم شاگرد سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

اسڪول جي هيڊ ماستر غلام رسول شينو ٻڌايو ته 14 ڏينهن اڳ واقعي بابت شهيد مخدوم بلاول ٿاڻي تي درخواست پڻ ڏني هئي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو لڳ شهيد مخدوم ٿاڻي جي حد ڳوٺ ابراهيم جي شينو جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان نامعلوم چور پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

گورنمينٽ پرائمري اسڪول غلام محمد شينو
يونين ڪائونسل ، موندر تعلقه دادو
هيڊ ماسٽر ، غلام رسول شينو
سيميز ڪوڊ 402010143

سنڌ ورهائڻ جي ايجنڊا پيپلزپارٽي جي نه، پر اسٽيبلشمينٽ جي آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

29 نومبر تي ڪراچي ۾ ”سنڌ منهنجي امان“ جي عنوان هيٺ جلسو منعقد ڪيو ويندو، لکين ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي

ايس ٽي پي سربراهه سنڌ جو وجود خطري هيٺ آهي، ڌاريا سنڌ ورهائڻ جي منصوبي تحت ميدان تي لٿل آهن

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)سنڌ ورهائڻ جي ايجنڊا پيپلزپارٽي جي نه، پر اسٽيبلشمينٽ جي آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڪمشنر ميرپورخاص پاران جرواري مائنر جي لائننگ جو ڪم فوري شروع ڪرڻ جو حڪم

آبپاشي جي مائنر ۾ گندو سيوريج جو پاڻي ڇوڙ ڪندڙن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ سميت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نواب سمير لغاري جرواري مائنر جي صورتحال، قبضن ۽ لاڳاپيل مسئلن بابت بريفنگ ڏني

ميرپور خاص(بيوروچيف سومارسميجو) ڪمشنر ميرپورخاص پاران جرواري مائنر جي لائننگ جو ڪم فوري شروع ڪرڻ جو حڪم. ڏيڍ مهيني ان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ هفتي اندر 6 شاگردن کان موٽرسائيڪلون ڦر

اسڪول ويندڙ ٻار به غير محفوظ، والدين ۾ ڳڻتيءَ جي لهر

پوليس ڌوهارين کي ٻنجو ڏيڻ ۾ ناڪام، والدين لاءِ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ ڏکيو بڻجي ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر ۾ بدامنيءَ جون وڌندڙ وارداتون شهرين لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ويون آهن. جڏهن ته هڪ هفتي دوران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

جهرڪ ۾ بجليءَ جي پراڻي مسئلي جو حل، شهرين ۾ خوشيءَ جي لهر

جهرڪ گرڊ اسٽيشن وٽ ڪافي عرصي کان بجليءَ جا 8 پول ۽ انهن جون تارون ڪمزور هجڻ سبب علائقي ۾ بار بار بجليءَ جي فراهمي متاثر ٿي رهي هئي

جهرڪ گرڊ اسٽيشن وٽ ڪافي عرصي کان بجليءَ جا 8 پول ۽ انهن جون تارون ڪمزور هجڻ سبب علائقي ۾ بار بار بجليءَ جي فراهمي متاثر ٿي رهي هئي

جنهن سان علائقي واسين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي آهي، شهرين ان قدم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)جهرڪ ۾ بجليءَ جي پراڻي مسئلي جو حل، شهرين ۾ خوشيءَ جي لهر. جهرڪ گرڊ اسٽيشن وٽ ڪافي عرصي کان بجليءَ جا 8 پول ۽ انهن جون تارون ڪمزور هجڻ سبب علائقي ۾ بار بار بجليءَ جي فراهمي متاثر ٿي ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ساليانو اهم اجلاس

اجلاس، اسپتال ٺاهڻ جو ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ساليانو اهم اجلاس ڪاڪڙ فارم هائوس ۾ منعقد ٿيو

جنهن ۾ ڪاڪڙ برادري جي ڀلائي، عوامي مسئلن جي حل ۽ صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ بابت اهم خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اجلاس دوران علائقي جي عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اسپتال ٺاهڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو)ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ساليانو اهم اجلاس، اسپتال ٺاهڻ جو ڪاڪڙ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ساليانو اهم اجلاس ڪاڪڙ فارم هائوس ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ ڪاڪڙ برادري جي ڀلائي، عوا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

رانديون جون سرگرميون نوجوانن جي جسماني ۽ ذهني صحت لاءِ انتهائي اهم آهن: ڊي سي

ڪرڪيٽ جهڙيون رانديون نوجوانن ۾ نظم و ضبط، ٽيم ورڪ ۽ مثبت سوچ کي هٿي ڏين ٿيون

نوجوانن کي صحتمند سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته رانديون جون سرگرميون نوجوانن جي جسماني ۽ ذهني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

تعلقي گهوڙاٻاري جي يونين ڪائونسل محل ديه پالڪي ۾ زمين جي کاتن ۾ سنگين جعلسازي جو معاملو سامهون آيو

23 سال اڳ اصل مالڪن جنهن ڌر کي زمين وڪرو ڪئي هئي، ان خريد ڪندڙ کي مڪمل قبضو پڻ ڏنو ويو هو

اصل مالڪن اسسٽنٽ ڪمشنر گهوڙاٻاري ۽ مختيارڪار گهوڙاٻاري سان ملي ڀڳت ڪري ان ئي زمين جو ٻيهر ”سيل سرٽيفڪيٽ“ حاصل ڪري

تعلقي گهوڙاٻاري ۾ بااثر ڌرين سان گڏجي اهڙا ڪيترائي جعلي کاتا جوڙيا ويا آهن، جنهن سان روينيو کاتي جي شفافيت ۽ نااهليءَ جي پٽ وائکي ٿي پئي آهي

ڳاڙهو(رپورٽ جاويد علي خاصخيلي) تعلقي گهوڙاٻاري جي يونين ڪائونسل محل، ديه پالڪي ۾ زمين جي کاتن ۾ سنگين جعلسازي جو معاملو سامهون آيو آهي. 23 سال اڳ اصل مالڪن جنهن ڌر کي زمين وڪرو ڪئي هئي. ان خريد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

بدين ۾ اينٽي وينم سيرم جي دستيابي يقيني بڻائڻ جون هدايتون، اي ڊي سي ون جي صحت کاتي جي آفيسرن سان گڏجاڻي

اينٽي وينم سيرم جي دستيابي، مريضن کي بروقت علاج فراهم ڪرڻ ۽ ويڪسين جي مڪمل ڪورس کي يقيني بڻائڻ بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو

ضلعي جي سمورن ڇاڻايل صحت مرڪزن تي ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين ۽ نانگ جي ڏنگيل مريضن لاءِ اينٽي وينم سيرم جي دستيابي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي

جيئن هنگامي صورتحال ۾ مريضن کي بنا ڪنهن دير جي ضروري طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ضلعي ۾ رولو ڪتن جي وڌندڙ تعداد تي ڳڻتي جو اظهار

بدين(رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ صحت کاتي جي آفيسرن سان اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪتي ڏاڙهڻ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڪوٽڙي: انتظاميا جي بي ڌياني سبب روڊ تي گندو پاڻي بيٺل آهي

ميرپورخاص ڊويزن ۾ قلم 144 لاڳو، 26 آڪٽوبر تائين مختلف گڏجاڻين ۽ جلوسن تي پابندي

امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڪمشنر شهمير خان ڀٽو پاران 15 ڏينهن لاءِ پابندين جو حڪم جاري

فوجداري جي قلم 144 تحت 12 آڪٽوبر کان 26 آڪٽوبر 2026 ع تائين 15 ڏينهن لاءِ مختلف پابنديون لاڳو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

مجاز اختيارين جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ پنجن کان وڌيڪ ماڻهن جي عوامي گڏجاڻين، احتجاجي مظاهرن، ڌرڻن، ريلين ۽ جلوسن جي انعقاد تي پابندي لاڳو

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ڊويزن ۾ قلم 144 لاڳو، 26 آڪٽوبر تائين مختلف گڏجاڻين ۽ جلوسن تي پابندي امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڪمشنر شهمير خان ڀٽو پاران 15 ڏينهن لاءِ پابندين جو حڪم جاري ڪمشنر ميرپورخاص ڊويز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪوٽڙي ۾ بيمار مرغين جو گوشت وڪرو ڪندڙ واپاري جو دڪان سيل

شهرين جي صحت ۽ سلامتي انتظاميا جي اولين ترجيح آهي: اسسٽنٽ مختيارڪار پرويز ڪوريجو

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪي سنجيدگي سان ورتو ويو، جڏهن ته دڪان جي مالڪ خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي، ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قدم کنيا ويندا

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ بيمار مرغين جو گوشت وڪرو ٿيڻ واري معاملي تي انتظاميا ڪارروائي ڪندي واپاري جو دڪان سيل ڪري مالڪ کي گرفتار ڪري ورتو. گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا تي بيمار مرغين جو گوشت وڪرو ٿي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڪوٽڙي ۾ بيمار مرغين جو گوشت وڪرو ڪندڙ واپاري جو دڪان سيل ڪيا پيا وڃن

پيارو لنڊ ۾ انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر پاران محفل جو انعقاد

پيارو لنڊ / ٽنڊو الهيار (پريس رليز) سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري چيو آهي ته سماج ۾ حقيق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ٽنڊوالهيار ۾ وڌندڙ مهانگائيءَ پورهيت طبقي جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار سميت مختلف علائقن ۾ مهانگائيءَ جي وڌندڙ طوفان پورهيت طبق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

عارب فقير جهڙن فنڪارن جي فني ورثي کي محفوظ ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي: نور احمد جنجهي

ٿر جي مارواڙي لوڪ موسيقيءَ کي نئين سڃاڻپ ڏيندڙ عارب فقير جي ورسي، فنڪارن، اديبن، شاعرن جي شرڪت

ٿرپارڪر جي سرسبز ثقافتي سڃاڻپ، لوڪ روايتن ۽ منڊڻ سرن جي دنيا صدين کان ڏات ڌڻين سان مالامال رهي آهي

مٺي/ٿرپارڪر (رپورٽر) ٿرپارڪر جي سرسبز ثقافتي سڃاڻپ، لوڪ روايتن ۽ منڊڻ سرن جي دنيا صدين کان ڏات ڌڻين سان مالامال رهي آهي. ٿر جي فنڪارن پنهنجي منفرد گائڪيءَ وسيلي نه رڳو پنهنجي ڌرتيءَ جي نمائندگي ڪئي آهي، پر ٿر جي ريتن رسمن، لوڪ ورثي، تاريخ، محبت، جدائي ۽ انساني احساسن کي به پنهنجي سرن ۾ سموئي دنيا آڏو پيش ڪيو آهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

پٿورو ۾ اٽي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا، غريب طبقو پريشان

مهانگائيءَ جي وڌندڙ بار سبب اڳ ئي ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان غريب خاندانن جون مشڪلاتون وڌيڪ وڌي ويون

اٽي جي اگهن تي ضابطو آڻي عوام کي مناسب اگهن تي اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ ترت اثرائتا قدم کنيا وڃن: مطالبو

پٿورو (رپورٽر) پٿورو تعلقي جي مختلف شهرن شادي پلي، پٿورو، غلام نبي شاهه، ٻچاٻند سميت ٻين علائقن ۾ اٽي جا اگهه وڌي 6400 کان 6500 رپيا في مڻ تائين پهچي ويا آهن. جنهن سبب غريب پورهيت ۽ مزدور طبقو سخت پريشان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30